
(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)
تي تحفا
ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ٽي تحفا

(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور- سنڌ
2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023 ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

POPAT BOOK NO. 179

ٽي تحفا

(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)

ليکڪا	:	ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
ڇاپو پهريون	:	2021
تعداد	:	هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائن	:	سعيد منگي
ڪمپوزنگ	:	علي رضا سهتو (03331382339).
ڇپائيندڙ	:	پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور
ڇپيندڙ	:	پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور
فون	:	0243_552913
ڇاپو ٻيون	:	سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر، 2023ع

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

ارپنا

پنهنجي پٽن،
ڊاڪٽر ياسر رضا
انجنيئر محمد مجتبيٰ
پنهنجي پوٽن
محمد عارض ياسر
محمد عفان ياسر
پنهنجي ڏوهٽن
محمد مير رفيق الرحمن
محمد ولي رفيق الرحمن
جي نالي.
شال رب پاڪ کين سٺيءَ صحت، علم، ادب ۽ ايمان جي سلامتيءَ سان شاد ۽ آباد رکي. (آمين)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تانِ نہ پرين سين،

تون اَڇو مِ راتِ، سَڄَڻ نِتِ سوجهرو.

(سر کنڀات، 14_1)

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران سنڌي ادب جي مانائتي ليکڪا ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پاران ٻارن لاءِ لکيل ڪھاڻين جو مجموعو ”ٽي تحفا“ اوھان اڳيان آڻي رھيا آھيون.

دلچسپ پيرائي ۾ لکيل ھي ڪھاڻيون، نھايت سبق آموز پڻ آھن. ھن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جون لکيل ٻارنھن ئي ڪھاڻيون دلچسپ تہ آھن ئي آھن پر انھن سيني مان ھر ھڪ ۾ نصيحت جا نڪتا سمايل آھن، خلق جي خدمت، ماحوليات جو بچاءُ، ظلم خلاف احتجاج، مسلسل محنت ۽ جدوجھد ۽ ٻيا چڱا قدر ھنن ڪھاڻين وسيلي، اسان جي نئين نسل ڏانھن منتقل ٿيندي نظر اچن ٿا.

ھي ڪتاب پوپٽ پبليڪيشن، خيرپور پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جا جنھن ھي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

#	عنوان	صفحو نمبر
	پبلشر نوٽ: قربان منگي	08
	مهاڳ: امر اقبال	09
	پنهنجي پاران: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ	11
	ڪهاڻيون	
1	پشيماني	13
2	روشني	17
3	ٽي تحفا	22
4	آسيہ ۽ ارسلان	27
5	صوفن جو باغ	32
6	سچي خوشي	36
7	ڏهہ روپيا	41
8	خودغرضي	46
9	ڪر ڀلو تہ ٿيئي ڀلائي	50
10	وڻ پوکيو ثواب ڪمايو	56
11	شهزادو راهب	59
12	بوٽ پالش	65

سبق آموز ڪهاڻيون

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ سنڌي ادب جي مانائتي ليکڪا آهي، جنهن جي ادبي حيثيت ۽ قلمي پورهيي کان سمورو جڳ واقف آهي، سموري عمر تدريس جي شعبي ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏيندي هُن تحقيق، ادبي تاريخ، لطيف شناسي ۽ ٻين موضوعن تي ڪيئي اهم ڪتاب ڏنا آهن، خوشيءَ جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ وڏن لاءِ لکندي، هن سنڌ جي ٻارن کي ڪڏهن بہ ناهي وساريو ۽ انهن جي لاءِ بہ لکيو آهي، اوهان جي هٿن ۾ موجود هي ڪتاب ”ٽي تحفا“ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

دلچسپ پيرائي ۾ لکيل هي ڪهاڻيون، نهايت سبق آموز پڻ آهن، يقين سان ٿا چئون تہ هي ڪتاب سنڌ جي ٻارن کي ضرور پسند ايندو، ادارو ”پوپٽ“ ٻالڪ ادب جي حوالي سان پنهنجي جاکوڙ جاري رکندي هي ڪتاب پيش ڪري رهيو آهي.

قربان منگي

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور-سنڌ

پوپٽن جهڙيون ڪهاڻيون

ٻارن جي لاءِ لکڻ ايئن آهي جيئن باغيچي ۾ پوپٽن جي پوبان ڊوڙڻ. مون کي اهي ليڪ تمام گهڻو وڻندا آهن. جيڪي "وڏن جا" يا "وڏا" ليڪ ٻڌجي وچڻ ڪانپوءِ ٻارن کي ناهن وساريندا ۽ انهن لاءِ لکندا رهندا آهن. هي دور، جنهن دور ۾ اسان جي گلن جهڙن ٻارڙن لاءِ ڪا "گلن جهڙا ٻارڙا" ناهي بچي. ڪو "گل ڦل" نڻو نڙي، اهڙي دور ۾ موبائل فونن ۽ ليپٽاپن جي اسڪرينن ۾ ٻڏل ٻارڙن جي هٿن ۾ ڪو ڪتاب ڏيڻ سچ تہ برڪت ڀريو ڪم آهي ۽ اهڙو برڪت ڀريو ڪم اسان جي ماناائتي آپا ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ بہ ڪري رهي آهي. جيتوڻيڪ وٽس لکڻ لاءِ ٻيو جام وقت طلب ڪم اڌورو پيو آهي. پر پاڻ جڏهن وقت ڪڍي ٻارن لاءِ لکي ٿي، تڏهن سندس ٻارن لاءِ پيار سندس لکڻين مان ظاهر ٿي پوي ٿو.

جيون جيون ئي نہ هجي ها، جي نہ هجن ها، او سائين!
گل، پکيئڙا، پوپٽ ۽ ٻار اسان جي جيون ۾.

آپا پروين موسيٰ ميمڻ تحقيقي ڪم جي حوالي سان پلو ڪم ڪيو آهي، جيڪو ڪم سندس بنيادي سڃاڻپ آهي ۽ انهيءَ شعبي ۾ سندس ڪيل ڪم نوجوان تحقيق ڪندڙن لاءِ بہ گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ هوءَ هڪ ٻاجهاري امڙ جي صورت ۾ معصوم پرهندڙ جي آڏو ظاهر ٿي رهي آهي. مون کي هي سپ ڪهاڻيون هڪ کان وڌيڪ دفعا پڙهيون آهن ۽ هر دفعي پاڻ کي پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ پاتو اٿم. آپا جون هي ڪهاڻيون پڙهڻ سان ٻالڪ ايئن محسوس ڪندا، ڄڻ سندن امڙ کين ٻانهن تي سمهاري کين ڪهاڻيون ٻڌائي رهي هجي ۽ کين ننڊ جي نيري نديءَ ڏانهن موڪليندي هجي.

مجھ کو یقین ہے، سچ کہتیں تھیں، جو بھی امی کہتیں تھیں
جب میرے بچپن کے دن تھے، چاند میں پریاں رہتیں تھیں
(جاوید اختر)

ٻارن لاءِ لکڻ واقعي بہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ ڳالهہ جو احساس تڏهن بہ ٿيو جڏهن ويجهڙائي ۾ دل گهريو تہ ٻارن لاءِ شعر لکجن. ڪجهہ نظم لکي تہ ورتم پر ڄاتم ضرور تہ هيءَ ڪم اِڪ جي ماکي لاهڻ جهڙو آسان هرگز بہ ناهي.

آپا ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جون لکيل هي ٻارنهن ئي ڪهاڻيون دلچسپ تہ آهن ئي آهن پر انهن سيني مان هر هڪ ۾ نصيحت جا نڪتا سمايل آهن. خلق جي خدمت، ماحوليات جو بچاءُ، ظلم خلاف احتجاج، مسلسل محنت ۽ جدوجهد ۽ ٻيا چڱا قدر هنن ڪهاڻين وسيلي، اسان جي نئين نسل ڏانهن منتقل ٿيندي نظر اچن ٿا.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو تعلق ڏيپلي شهر سان آهي، جيڪو سندس چواڻي ان وقت هڪ ڳوٺڙو هيو جڏهن پاڻ تعليم جي ابتدائي سفر ۾ هئي، هن شهر سنڌ ادب کي محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جهڙو ٽرينڊ ميڪر ليکڪ ڏنو آهي ۽ اڄ هن شهر جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ ادب جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو اهم ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ مسلسل لکي رهي آهي، جيڪا ڳالهہ آڃا جهڙي ئي آهي.

پاڻ وٽ ٻالڪ ادب جي تحقيق ۽ اشاعت جي لاءِ ڪوئي بہ مخصوص ادارو ڪونہ آهي، جنهن جو ڪم صرف ۽ صرف ٻالڪ ادب جي لاءِ رٿائون جوڙڻ هجي نہ ئي اسان وٽ ٻارن لاءِ لکندڙ ڪُل وقتي ليکڪ موجود آهن، جيڪي ٻارن جي عمر جي مختلف حصن جي ورڇ ڪندي، انهيءَ مطابق ڪتاب لکن. اهڙي صورتحال ۾ جيڪي ليکڪ انفرادي سطح تي ٻارن لاءِ لکي رهيا آهن ۽ جيڪي پبلشر ٻارن جا ڪتاب ڇاپي رهيا آهن، اُهي يقينن ڪيرون لهڻن... ۽ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ جو نالو بہ اهڙن ئي ماناڻتن ليکڪن ۾ شامل آهي.

منهنجي خواهش رهندي تہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هي سهڻو ڪتاب، سهڻي سنڌ جي سهڻن ٻارن تائين پهچي ۽ هو ان مان سهڻا سبق حاصل ڪن.

امر اقبال

25 مئي 2021ع

چنا هائوس گلشن نذير

خيرپور ميرس۔سنڌ

0331_3067097

پنهنجي پاران

ادب ۾ جڏهن لکڻ جي شروعات ڪيم تڏهن منهنجي ذهن ۾ ٻاراڻي ادب تي لکڻ لاءِ ڪو بہ خيال ڪڏهن ڪين آيو. حالانڪہ پنهنجي ڀائرن ڀينرن، ساهيڙين ۽ ڪلاس فيلوز ۾ آئون واحد هيس جا سڀ کان گهڻا ٻاراڻي ادب جا سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ڪتاب پڙهندي هيس، اهي مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. انهيءَ مطالعي ۾ ايتري تہ مَحو هوندي هيس جو نہ ماني ٽڪي ياد هوندي هئي ۽ نہ ئي هوم ورڪ ڪرڻ جو خيال ايندو هو. جيستائين اهو ڪتاب مڪمل نہ ڪري وٺندي هيس، ننڍي لاڪون، ”چار درويش“، ”ممتاز دمساز“، ”حاتم طائي“، ”ڪليلہ ودمنہ“، ”لوڪ ڪهاڻين جا ست جلد“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب ۽ مختلف رسالا هئا جن کي پڙهندي هيس، ٻالڪ رسالن ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون، مضمون، ٽوٽڪا ۽ معلوماتي ليک ايندا هئا. ٻہ ٽي دفعا مضمون لکي انهن رسالن ۾ موڪليم پر خبر نہ پئي تہ ڇپيا يا نہ؟ انهيءَ جو سبب اهو هو جو اسان ڏيپلي جهڙي پري جي ڳوٺ (هاڻي شهر) ۾ رهندا هئاسين جتي هڪ ڏينهن جي اخبار بہ ٻئي ڏينهن پهچندي هئي، رسالا ۽ ڪتاب اچڻ تہ گهڻا مشڪل هئا. جيڪو ادب پڙهيوسين سو پنهنجي ۽ مٽن مائٽن جي لائيبريرين مان ۽ هڪٻئي کان ڪتاب ڪٺي پڙهيوسين. شهر ۾ اچڻ کان پوءِ پاڙي ۾ لائبريرين تي مسواڙ تي روزاني هڪ آني ۾ ڪتاب ملندو هو جو ٻئي ڏينهن واپس ڪرڻو هوندو هو. ڪتابن جي ٻاڙاهڙي ٽي جو سڄي خرچي کائڻ پيئڻ جي بدران ڪتاب جي ڪرايي تي يا روڪ ڪتاب وٺي پوري ڪندا هئاسين. انهيءَ جو اهو فائدو ٿيو جو مطالعي جو ذوق ۽ شوق وڌي ويو. انهيءَ ڪري پوءِ لکڻ ڏي پڻ لاڙو ٿيو.

ٻاراڻي ادب ۾ پهريون ڪتاب ”اخلاقي قدر“ گهڻو ڪامياب ٿيڻ (ٽي ڇاپا ڇپجڻ) تي مون ٻارن لاءِ لکڻ جو خيال وڌيڪ مظبوط ڪيو ۽ ڏٺم ته اسان جا ٻار هن انٽرنيٽ جي دور ۾ به ادب پڙهن ٿا ته ڏاڍي خوشي ٿيم ۽ سندن لاءِ مستقل لکڻ جو پروگرام رٿيم. وچ ۾ ايترا ٻيا ڪم اچي ويا جو اهو پورائو ٿي نه سگهيو ته به ڪي ڪهاڻيون لکيم جي هاڻي مڪمل ڪتابي صورت ۾ ”ارباب جي هوشياري“ عنوان سان ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهن.

هيءُ منهنجو ٻارن لاءِ ٽيون ڪتاب آهي اهو وندر ۽ سکيا جي سبق آموز ڪهاڻين تي مشتمل آهي جي آئون سمجهان ٿي ته سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي هر طبقي جي ٻارن لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿينديون. هن ڪتاب ۾ آيل ڪُل ٻارنهن ڪهاڻيون ننڍين ننڍين واقعن، وڻندڙ وارداتن، مثالن، چوڻين ۽ قولن سان گڏ حقيقي زندگيءَ ۾ رهبر ۽ رهنما ثابت ٿينديون.

اهڙيءَ ريت هنن دلچسپ ڪهاڻين تي توهان جيڪڏهن غور ڪندا ۽ هينئين سان هنڍائيندا ته انهن ۾ وڏا سبق ۽ نصيحتون رکيل آهن. جن جو حاصل مطلب نيڪ نيتي، محنت، خوشدلي، ٻين جي ڪم اچڻ، والدين، استادن ۽ پاڙيسرين جي عزت، چڱاين جو واڌارو ۽ براين کان بچاءُ آهي.

ٻارو! اميد ته هيءُ ڪتاب توهان پڙهندڙن کي پسند ايندو.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

2021_02_25

Mob: 03332766564.

پشيماني

سيٺ رمضان شهر جو هڪ وڏو واپاري ۽ بزنس فورم جو صدر هو. سندس گهر شهر جي هڪ سهڻي علائقي ۾ هو. جنهن ۾ زندگيءَ جي سهوليت جا سڀ سامان موجود هئا. ڪيس گهر ۾ هڪ پسنديده بااخلاق ۽ قربائتي زال سان گڏ هڪ پٽ رياض هو سندس ماءُ پيءُ پڻ حيات هئا جي پنهنجي پٽ ۽ پوٽي تي ساهه ڇڏيندا هئا. هِن گهر ۾ جڻ ڏٽيءَ سڀوري انعام طور خوشيون ئي خوشيون پکيڙي ڇڏيون هيون. هُن جو نندپڻ کان ايمان هو ته دنيا ۾ عزت ناڻي آهي ته هڪ وار شاهوڪار ضرور ٿيڻو آهي. جڏهن هو غريب هو تڏهن چڱا چوکا دوست ڪانئس پري ٿي ويا هئا. پر اڄ جڏهن هو آسودو ٿيو آهي ته الائي ڪٿان اچي هرڪو دوستيون پيو ياد ڏياري ۽ مِٺي عزيزي پيو ڳنڍي جيئن چون ته ادا، ”سُڪئي جا سالا لک، ٻُڪئي جو ڪو پيٽويو ئي ڪونهي“. سو سيٺ رمضان جي اڳيان پويان ماڻهن جون قطارون لڳل هيون. هُن خوشامدڙين ۽ وقتي دوستي ڪندڙن مان هٿ ڪڍيو جو ڪيس خبر هئي ته اهي ڪڏهن به سچا نه ٿيندا آهن. چند هوشيار ۽ سمجهدار ماڻهن کي پاڻ سان رکندو هو. اهڙيءَ ريت سندس عقلمنديءَ سان واپار ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو ويو ۽ هُو هاڻي پنهنجي شهر ۾ بزنس فورم جو صدر هو. منجهس گهڻيون خوبيون هيون. سمجه، پئسي جي بچت، غريبن جي مدد، والدين جو احترام، فيصلي ڪرڻ جي قوت، سڀ منجهس سٺيون خاصيتون هيون پر وڏي خامي هئي سا هئي عُجلت/تڪڙ. پر انهيءَ تي به ڪيس فخر هو ته هُو تڙ تڪڙ ۾ به سوچي فيصلا ڪري ٿو. ان ڪري ئي ڪامياب آهي.

اهڙيءَ ريت هُو اڳتي وڌندو رهيو. انسان ۾ جڏهن خودغرضي هجي ٿي تڏهن ڪيس نقصان ضرور ٿيئي ٿو. سو سيٺ ۾ پڻ اها ڳاله اچي رهي هئي. سيٺ رمضان جي اڄ هڪ ڪاروباري ميٽنگ هئي جا ڪنهن وڏي رَش واري هنڌ جي وڏيءَ هوٽل جي هال ۾ ٿيڻي هئي. ڪيس آفيس مان نڪرندي اڳ ۾ ئي دير ٿي چڪي هئي آفيس جي ڊرائيور، جان محمد کي چيائين، ”اڄ گاڏي آئون هلائيندس ڇو جو تون آهستي هلندين. آئون اڳ ۾ ئي ليٽ ٿي چڪو آهيان“. ڊرائيور ڪيس چابي ڏني هُو پاڻ گاڏيءَ کي هلائڻ لڳو. رَش ايتري هئي جو ڪيس ڪافي مشڪل پيش اچي رهي هئي شام جو وقت آفيسن مان ماڻهن جي واپسيءَ جو ٿو هجي. گاڏيون هڪٻئي سان لڳو لڳ هلي رهيون هيون. اوچتو هڪ ايمبولينس سندس اڳيءَ ڪار جي پنيان هارن پويان هارن ڏيڻ لڳي پر جيئن تہ هُن تي جلد پهچڻ جي ڌُن سوار هئي ان ڪري ايمبولينس کي رستو نہ ڏنائين سندس ميٽنگ کي دير ٿي رهي هئي. ڪجه اڳيان هلي سندس ڪار جڏهن ٻئي رستي تي مُڙي تڏهن ايمبولينس بہ چوواٽي تي پهچياسپتال جي رستي ڏي رواني ٿي ۽ رمضو سيٺ ان کي ٻئي رستي تي مڙندي بہ ڏٺو هاڻي ايمبولينس جي هارن جو تيز آواز بند ٿي ويو هو. هُن سڪون جو ڊگهو ساه کنيو ۽ ان هوٽل جي ويجهو پهتو جتي ميٽنگ ٿيڻي هئي، سندس اها ميٽنگس گهڻي ڪامياب ٿي ۽ کيس وڏي نفعي جي خوشخبري ملي. هو اطمينان سان هاڻي پنهنجي گهر جي رستي ڏي روانو ٿيو. جيئن ئي گهر ۾ خوش خوش داخل ٿيو. هڪ ٻيڇڙي خبر کيس ٻڌڻ لاءِ ملي تہ سندس پيارو پٽ رياض سيڙهين تان ڪري سخت زخمي ٿي پيو ۽ لاڳيتو سندس مٿي مان رت وهي رهيو هو جنهن کي اسپتال وٺي ويا آهن. سيٺ جا ماءُ پيءُ پوٽي لاءِ سخت پريشان مصلي تي ويٺا الله

جي در ٻاڏائي رهيا هئا. رياض تمام پيارو، خوش مزاج ۽ سيني جي اکين جو تارو ٻار، هر هڪ سندس لاءِ دعائون گهرڻ ۾ مشغول هو. سيٺ رمضان جي گهرواري رياض سان گڏ اسپتال ۾ هئي هُو پاڻ پڻ هڪدم ڀڄايل اسپتال ۾ پهچي ويو رت گهڻو ضايع ٿيڻ سبب رياض جي حالت خراب هئي. جڏهن ته ڪيس ڏَک به ايترو اونهو نه هو. پر ڊاڪٽر موجب ته مريض کي اچڻ ۾ دير ٿي آهي. سيٺ رمضان ڊرائيور کان پڇيو ته، ”اسپتال اچڻ ۾ دير ڇو ٿي“؟ هن وراڻيو ته،”سيٺ صاحب جيئن مون کي اطلاع ٿي آئون ويجهي اسپتال پهتس هنن ايمبولينس ڏئي وڏيءَ اسپتال موڪليو پر رستي ۾ تمام گهڻي رش هئي هڪ ڪار ڪچ وقت ايمبولينس کي رستو نه ڏنو ڪافي وقت ضايع ٿي ويو ان ڪري ڊاڪٽر تائين پهچڻ ۾ دير ٿي پر فڪر نه ڪريو هاڻي وڏي سول سرجن مٿي ۾ ٽانڪا لڳائي بينڊيج ڪري ڇڏي آهي ۽ رت بند ٿي ويو آهي“.

سيٺ رمضان انهيءَ تي گهڻو حيران ۽ پريشان ٿيو ته رت جي گهڻي ضايع ٿي وڃڻ سبب سندس پٽ جي حالت خراب ڪان خراب ٿي ويئي ۽ سمجهي ويو ته اها غلطي ڪانئس ئي ٿي آهي ۽ پنهنجي اڪيلي ۽ پياري پٽ جي هن حالت جو ذمہ دار هو پاڻ آهي؟ اهو سوچي ڪيس وڏيڪ پشيماني ٿي. پنهنجي خودغرضي ۽ غلط عمل تي وڃي روئي مصلو وڇايائين ڏٽيءَ در سجدي ۾ وڃي معافيون گهري ٻچڙي جي حياتيءَ جون دعائون گهرڻ لڳو ۽ توبہ ڪرڻ لڳو. سوچيائين هيءُ ته منهنجو پنهنجو پٽ آهي جنهن جي ڏک جو احساس منهنجو اندر چيري رهيو آهي صحيح چوندا آهن، ”جتي باهِ ٻري اُتي جاءِ جلي“. اڄ جڏهن پاڻ تي پئي اٿم تڏهن خبر پئي آهي ته تڪليف ڇا آهي انهيءَ ايمبولينس ۾ جي ٻئي ڪنهن جي جگر جو ٽڪر

هجي ها تہ مون کي تہ ڪا ڳالھہ ئي نہ پوي ها. پنھنجي خودغرضيءَ تي هن جي پريشاني جائز هئي. رياض جي ماءُ جا پاڻ بہ هڪ ڪرسيءَ تي تسبيح پڙهي روئي رهي هئي ڪيس دِلاسو ڏيڻ لڳي تہ ”الله وڏو آهي فڪر نہ ڪريو انشاءالله رياض بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو“. ڪيس اصل صورتحال جي تہ خبر ئي نہ هئي تہ سيٺ رمضان ڪان ڪھڙي خطا ٿي آهي ۽ هُو ڇو ايترو دل سان روئي الله تعالىٰ ڪان معافيون گھري رهيو آهي هن اهو سڀ اولاد جي محبت سمجھيو ۽ ڪيس تسليون ڏيڻ لڳي سيٺ رمضان اڄ دل ئي دل ۾ عهد ڪري ڇڏيو تہ هُو ڪڏهن بہ پنھنجي ڪنھن بہ ڪم ۾ تڪڙ نہ ڪندو جو ”تڪڙ ڪم شيطان جو آهي“ ۽ نہ ئي ڪنھن ايمبولينس جي رستي جي رڪاوٽ بڻبو پر ٻين کي پڻ اها ئي هدايت ڪندو. ٿوري وقت ڪان پوءِ نرس اچي اطلاع ڏني تہ.

رت جو بندوبست ٿي ويو ۽ رياض کي هڪ بوتل لڳي آهي هاڻي هو ٺيڪ ٿي رهيو آهي ۽ خطري ڪان ٻاهر آهي. سيٺ رمضان خدا جو شڪر ادا ڪيو ۽ سندس منھن تي سڪ ۽ سڪون اچي ويو ڪيس يقين ٿي ويو تہ ڏاڍيءَ سڳوري سندس سچي توبہ قبول ڪئي آهي.

روشني

سخت سياري جي هڪ ٿڌيءَ رات ۾ لاڳيتي برسات پئي رهي هئي ۽ تيز ٿڌيون هوائون چوطرف سوساٽ ڪري هر هڪ کي ڇاڻ ڏيئي رهيون هيون تہ سيارو پنھنجي زور ۽ شور سان اچي چڪو آهي پنھنجي پنھنجي گهرن ۾ بسترن ۽ سوڙن ۾ محفوظ ٿي ويھي رهو. جيستائين هيءَ تيز برسات بيھي. سڄي ڳوٺ جا روڊ ۽ رستا پاڻيءَ سان پرجي چڪا هئا. رات جو هڪ نندي گهر جي دروازي وٽ علي ڪرسي وجهي ويٺو هو ۽ هُو ڪنهن اونهيءَ سوچ ۾ ٻڏل هو. ذهين ڪلاس ۾ پڙهندڙ علي تعليم تي توجه ڏيندڙ ۽ ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندڙ هو جنهن تي ڪلاس ٽيچر کيس مانيٽر بہ مقرر ڪيو هو. سڄي اسڪول ۾ سندس وڏي ناماچاري هئي اخلاق، ادب، نئڙت ۽ نياز ۾ سندس مٽ ڪير نہ هو تہ پڙهائيءَ ۾ پڻ هوشيار ۽ ماءُ جو فرمانبردار پٽ هو. ماڻس هر وقت کيس دُعائون پيئي ڏيندي هئي ”شال کو ڪوسو واءُ نہ لڳيس“ اهائي ماءُ جي دل جي صدا هئي. عليءَ جو والد ان وقت فوت ٿي ويو هو جڏهن هو ستن سالن جو هو ڪوبہ ڀاءُ ڀيڻ نہ هئس. سندس ماءُ پنھنجي جوانيءَ ۾ ئي بيوه ٿيڻ تي حياتي پٽ جي لاءِ قربان ڪئي ۽ ٻي شادي نہ ڪئي هر وقت سندس بهتريءَ لاءِ رب پاڪ وٽ پيئي دُعائون گهرندي هئي. هن جي ڪاڏي پيتي ۽ آرام جو هر ممڪن خيال ڪندي هئي. سلائي ڪري پرت پري کيس اعلیٰ تعليم ڏيارڻ جي خواب جو پورائو ڪرڻ ئي عليءَ جي ماءُ جو مشن هو.

رات جا نوَ ٿي ويا هئا عليءَ جي ماءُ عام طور ڏهين بڄي سمهندي هئي پر ان ڏينهن سندس طبيعت خراب هئي هوءَ انين بڄي رات جو ئي سمهي رهي. جيڪڏهن گهر ۾ لائيٽ هجي ها تہ علي پنھنجي عادت مطابق ڪونہ

ڪو ڪتاب پيو پڙهي ها پر بجلي ويئي ته سخت سرد ۽ برسات واريءَ رات ۾ گهڙيون گهارڻ سندس لاءِ ڏکيو ٿي پيو ڪمري ۾ پٽ تي هڪ ڪِليءَ ۾ بتي ٽنگيل هئي جنهن جي روشني ڪمري جي ٿوري حصي ۾ اچي رهي هئي پر اهڙي به ڪانه هئي جو علي مطالعو ڪري سگهي جو ڪيس پڙهندي پڙهندي ننڊ اچي وڃي. انهيءَ ڪري هُو ڪرسيءَ تي ئي ويهي رهيو ۽ پنهنجي ڪتابن، سنگتين، ساٿين ۽ استادن ۽ اسڪول جي باري ۾ سوچڻ لڳو. سوچيندي سوچيندي ڪيس هڪ پراڻو واقعو ياد آيو. جو ڪيترائي سال اڳ ۾ سندس والده ڪيس ٻڌايو هو. ماڻس ٻڌايس ته، ”هڪ رات سخت سرديءَ ۾ طوفاني برسات سبب بجلي هلي ويئي ۽ وٽس ڪا بتي به ڪانه هئي جو ان کي ٻاري ماني ٽڪي ناهي وٺي. ايتري اونداهي هئي جو پنهنجي هٿ به ڏسڻ ۾ نٿي آيو ۽ مون کي سخت بک لڳي هئي ۽ اهو به فڪر هئم ته علي پنهنجي ماسيءَ جي گهر ويو آهي خبر ناهي هن پيانڪ برسات ۾ هُو ماسيءَ گهران ڪيئن ايندو ۽ جي واپس گهر آيو ته ڇا کائيندو؟ ۽ انهن جي گهر منهنجي لاءِ روئيندو ته نه هوندو؟ اهو سڀ سوچي چادر پائي ٻاهرين دروازي تائين آيس ته جيئن ماسيءَ جي گهران عليءَ کي وٺي اچان. پر پير ٻاهر رکيم ته اهو گوڏي تائين پاڻيءَ ۾ هليو ويو ظاهر آهي انهيءَ حالت ۾ مون کي گهر اندر واپس ورڻو پيو هاڻي ته پريشاني وڌيڪ وڌي ويئي. تيستائين دروازي تي ٺڪاءُ ٿيو. هڪدم ٻاهر تائين آيس متان علي پهچي ويو هجي پر ايندڙ آواز ڪنهن مرد جو هو جنهن چيو ته ”ادي ڪا به تڪليف ۽ مشڪل هجي ته ٻڌايو ته آئون توهان جي مدد ڪريان!“ هڪ پل لاءِ مون کي خيال آيو ته خبر ناهي ڪير آهي؟ پر مشڪل ايتري هئي جو اعتبار ڪري پنهنجي تڪليف ٻڌايم ۽ پيٽ جو گهر به ڄاڻايم. هو ٿوريءَ دير ۾

واپس آيو ۽ اڇي خبر ڏنائين ته علي بلڪل ٺيڪ آهي ۽ ماني کائي سمهي رهيو آهي. هن شخص مون کي هڪ ٻرندڙ بتي ڏني ۽ هڪ رومال ۾ ويڙهيل ڪا کائڻ جي شيءِ ”مون کيس سڏ ڪيو ته“ ادا! اهو ٻڌايو هيءَ بتي توهان کي ڪٿي واپس ڪريان ۽ توهان جي وڏي مهرباني؟ اونداهيءَ ۾ آئون سندس شڪل به ڏسي ڪونه سگهيس جڻ الله تعاليٰ آسمان مان ڪو فرشتو منهنجي مدد لاءِ موڪليو هو“. علي اها ڳاله ياد ڪري ٻيهر بتيءَ ڏي نهارڻ لڳو جا پٽ ۾ ٽنگيل هئي کيس خيال آيو ته يقيناً هيءَ اها ساڳي بتي آهي جا هن نيڪ انسان منهنجي اميءَ کي اونداهيءَ ۽ طوفاني رات ۾ ڏني هئي ۽ بيشڪ اها اهڙي ئي رات هوندي جهڙي اڄ آهي پر فرق ايترو آهي اُن رات امي جاڳي رهي هئي ۽ اڄ آئون پيو جاڳان ڇا اڄ به دروازي تي آواز ٿيندو؟ وري سوچيائين پر اڄ ڇو ٿيندو اڄ ته اسان ٻنهي پيٽ ڀري کاڌو آهي ان ڪري ڪو به آواز ڪونه ٿيندو. اهو سوچيندي هُو ڪمري ۾ هلڻ لڳو سندس ماءُ جي اک کلي ويئي ڇوڙ لڳي، ”علي! ڇو اڃان جاڳين پيو؟عليءَ جواب ڏنس امان بجلي ڪونه آهي هِن بتيءَ تي پڙهي نٿو سگهان پر ڪنهن جي مدد ضرور ڪري سگهان ٿو“.

ماڻس حيران ٿي ڏانهس نهاريو. عليءَ وري سندس هٿن کي جهلي چيو امان! اڄ رات جو مون کي توهان جو ٻڌايل بتيءَ وارو واقعو ياد اچي رهيو آهي آئون سوچيان پيو ته ايئن ته ڪونهي پاڻ جي آسي پاسي ڪو اهڙو گهر آهي جتي هن سيءَ ۽ برسات ۾ مدد جي ضرورت هجي. عليءَ جي ماءُ سندس ارادو سمجهي سوچ ۾ پئجي ويئي. عليءَ وري کيس ياڪر پائيندي اجازت گُهري ۽ چيو ته. ”امان توهان ئي ته چيو آهي ته نيڪ ماڻهو الله جو پيارو آهي ڇا توهين نٿا چاهيو ته منهنجو شمار به نيڪي ڪندڙن ۾ ٿئي. ماءُ پٽ جي مٿي

تي پيار سان هٿ ڦيريندي چيو تہ، ”پٽڙا بيشڪ وڃ خدا جي امان ۾ آهين بتي ڪٽي وڃج“.

علي بتي ڪٽي گهر مان ٻاهر نڪتو هُو آهستي آهستي هلندو مختلف گهرن وٽان گذرندو رهيو ڪيس ڪيترن ئي گهرن مان ماڻهن جي ڳالهائڻ جا آواز اچي رهيا هئا تہ انهن گهرن ۾ روشني بہ هئي ۽ ڪاڏو بہ پچي رهيو هو. هو اڳتي هلندو ويو. هڪ ٻئي پاڙي تائين پهتو. رستي ۾ گهٽي گپ ۽ چِڪَ هئي هو تمام سنڀالي هلي رهيو هو تہ متان سندس پير نڪري نہ وڃي. هڪ هنڌ اهڙو گهر ڏٺائين جنهن ۾ نہ روشني هئي ۽ نہ ئي ڪو آواز هڪ پوڙهي جي ڪنگهڻ جو آواز ٻڌي انهيءَ دروازي تي نڪاءُ ڪيائين بزرگ شخص ڪجه دير ڪان پوءِ در تي آيو عليءَ کي ڏسي چيائين ”بابا! ڪير آهين هِن بيگاهہ وقت ۾ ڇاجي لاءِ آيو آهين“؟ عليءَ وراڻيو تہ، ”سائين اونداهي آهي، سردي ۽ سخت برسات ۾ گهران نڪرڻ توهان لاءِ مشڪل آهي. توهان کي جيڪڏهن ڪنهن بہ مدد جي ضرورت هجي تہ آئون حاضر آهيان“. پوڙهي بزرگ ماڻهوءَ عليءَ کي غور سان ڏٺو ۽ چيائين، ”ڪجه نہ مون کي بک لڳي آهي ڪجه کائڻ لاءِ ڪونهي مون لاءِ ڊبل روٽيءَ جا بہ ٽڪر ئي ڪافي ٿيندا اها آٽي ڏيئيم تہ وڏي مهرباني ٿيندي ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي عليءَ کي ڏنائين جو علي ڪانئس نہ ورتو ۽ چيائين ”مون کي خبر آهي اڳيان هڪ دوڪان آهي آئون توهان لاءِ بن يا ڊبل روٽي وني ٿو اچان“.

علي آهستي آهستي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيو هڪ هٿ ۾ بتي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڇتي ڪٽي هو گپ چڪ کان بچندو هلندو رهيو. هڪ هنڌ سندس پير ڦاسي پيو ۽ ڪري پيو پر همٿ نہ هاريائين. هلندو رهيو آخرڪار کيس هڪ اسپتال وٽ هڪ ننڍو دوڪان کليل مليو. جتان ڪجه بسڪيٽ ۽

ڊبل روٽي وٺي واپسيءَ جي رستي ڏي مڙيو ۽ ايئن مُني ڪلاڪ ۾ ساڳئي هنڌ تي پهچي پوڙهي کي اهو سامان ڏنائين. جنهن کيس دُعائون ڏنيون ۽ پنهنجي گهر ۾ اندر ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ ڪائڻ شروع ڪيائين بتيءَ جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ علي ڏي نهاري چوڻ لڳو. پٽ مون لاءِ تون هڪ فرشتو ٿي آيو آهين. ننڍو معصوم فرشتو. پر عجب جهڙي ڳاله آهي تہ اهڙي ٺي هڪ سخت ٿڌيءَ ۽ اونداهيءَ واريءَ رات ۾ مون هڪ عورت جي ڪاڏي جو بندوبست ڪيو هو“. عليءَ کي تمام گهڻي حيرت ٿي کيس پنهنجي سوال ۽ ڪيل نيڪيءَ جو جواب ملي ويو بزرگ کان موڪلائي دروازي ڏي ويندي کيس سڄي حقيقت ٻڌايائين ۽ بتي ڏيندي چيائين. بابا سائين! هيءَ بتي توهان جي آهي اها توهين رکو پوڙهي چيس تہ ”پٽ آئون هاڻي ڪراڙو ٿي ويو آهيان مون کي روشنيءَ جي ضرورت ڪونهي. اها بتي توهان نوجوانن جي لاءِ آهي هن روشنيءَ کي هڪ هٿ مان ٻئي هٿ تائين وڃڻ گهرجي ۽ ان ريت هيءُ روشني ۽ نيڪيءَ جو سفر هلندو رهي.

ٿي تحفا

هندوستان جي هڪ واريا سي علائقي ۾ هڪ سھڻو اڏيل ننڍن ننڍن گھرن وارو صاف سٿرو ڳوٺ هو. جنهن جا رهاڪو تمام مهربان نيڪ ۽ دين جي رستي تي هلندڙ هئا. هن ڳوٺ جي ماڻهن ڪجھ عرصي کان اسلام قبول ڪيو هو. پنهنجي گھرن ۾ پڻ دين جي پرچار ڪندا هئا سندن اولاد پڻ صالح سپوٽ هو تہ هر گھر جڻ محبت، پيار ۽ نيڪيءَ جي درسگاھ هو. اهي مسافرن ۽ مهمانن کي عزت ۽ محبت ڏيندڙ ۽ کين خدا جي طرفان نعمت سمجھندڙ هئا. سندن موجب تہ ”رازق رزق سڀ ڪنهن کي رسائي ٿو ۽ هُو ”ڪِول کي ڪڻ هاٿيءَ کي مڻ ڏيڻ وارو آهي“. ڪنهن کي بہ بکيو نٿو سمهاري، ”ڪَڪَ پن ۾ پاڻ وسندڙ آهي“، ”دنيا فاني آهي“، ”ڪنهن سان چڱو هلبو تہ داتا درجو ڏيندو“. سيني جو هڪ ئي طريقو هو اهي سڀ هر آئي وئي کي ماني ۽ مانِ ڏيندا هئا.

هڪ دفعي وٽن هڪ درويش بزرگ اچي لانگهائو ٿيو. ڳوٺ ۾ پهريون گھر قاسم بابا جو هو ۽ سڀ کان وڏيڪ سندس نالو نيڪ ناميءَ ۾ مشهور هو. قاسم بابا انهيءَ بزرگ جي وڏي خدمت ڪئي ۽ بنا ڪنهن اجوري جي ۽ بنا ڪنهن لالچ جي. هُو ڪيس پنهنجي پيءُ جيئن سمجھندو رهيو ۽ بزرگ احمد کي بہ نہ فقط قاسم بابا پر سندس پٽ حامد مان پڻ راحت ايندي هئي. هُو انهن جي گھرجي پاڙيءَ جيان وٽن اوطاق ۾ رهندو هو سڀ گڏجي ماني ٽڪي کائيندا ۽ مسجد ۾ ويندا هئا. ڳوٺ جا ماڻهو پڻ درويش احمد جي سٺي عزت ڪندا هئا. جڏهن چئن سالن کان پوءِ احمد درويش موڪلايو تڏهن قاسم بابا کي ٽي تحفا ڏنائين جي هُن سنڀالي رکيا.

قاسم بابا هڪ ڏينهن اوچتو بيمار ٿيو ۽ سندس بيماري وڌي ويئي سمجهيائين تہ هاڻي آخري وقت آهي پنهنجي پياري، سڀاجهي، سمجهدار ۽ فرمانبردار پُٽ کي پاسي ۾ ويهاري چيائين تہ،

”پٽ حامد توکي هدايت ٿو ڪريان تہ دين جي رستي تي هلجانءِ، خلق جي خدمت ڪجانءِ، وڏي نندي جي عزت ڪجانءِ، اڄ جو ڪم سڀان تي نہ رکجانءِ، پاڙو نبين کي پيارو آهي، پاڙي جو خيال رکجانءِ، ”ڪڙم قبيلي کان شل ڪتو بہ ڌار نہ ٿيئي“ سو پنهنجي ڪڙم ۽ قبيلي کي اڪين تي رکجانءِ، ”پنهنجا وري بہ پنهنجا آهن ماري بہ ڇانوَ ۾ وجهندا“ پر جي ساڻن هٿ سيجبو تہ ڪڏهن بہ ڪونہ گُسندا ڇو تہ، ”رت دانگيءَ تي ورندو آهي“. نيڪي پڌري پٽ موجود آهي ان کي هٿ ڪرڻ جا سانباها ڪج اڄ توکي ٽي تحفا ڏيان پيو جي بزرگ احمد مون کي ڏنا هئا. پيتي کولي هڪ ٽوپي، تسبيح ۽ منڊي ڪڍي حامد جي هٿ ۾ ڏنائين ۽ چيائين تہ ٽوپيءَ جي خاصيت اها آهي تہ ٽوپي پائي جڏهن بہ ڪنهن جي ڳاله ٻڌندا تہ سچ ۽ ڪوڙ جي خبر پئجي ويندي. تسبيح پڙهي ڪنهن بيمار کي ڪابہ دوا ڏبي تہ اهو نيڪ ٿي ويندو ۽ منڊي پائي جي جنگ تي وڃبو تہ دشمنن تي فتح حاصل ٿيندي.

بابا قاسم انهن شين بابت پنهنجي پٽ حامد کي هدايتون ڏنيون ڪجه ئي ڏينهن ۾ سندس وفات ٿي ويئي. حامد پنهنجي پيءُ جي تدفين ۽ پوءِ چاليهي تائين ڳوٺ ۾ رهڻ کان پوءِ پنهنجي پيءُ جي نصيحت مطابق خلق جي خدمت واسطي دنيا جي سير تي روانو ٿي ويو ڪيترن ئي ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ هڪ شهر ۾ پهتو جتي گهڻي رونق ۽ هلچل هئي، ڪيس ڏاڍو مزو آيو سوچيائين هن ئي شهر ۾ رهي علم حاصل ڪري پوءِ وطن واپس

ويندس ۽ ڪيترائي ڏينھن ھِن شھر خدا آباد ۾ رھي پيو. ھڪ ڏينھن انھيءَ شھر ۾ اعلان ٿيو تہ سڀ عوام اڄ بادشاھ جي درٻار ۾ اچي، جو غداريءَ جي ھڪ مقدمي جو فيصلو آھي. سو حامد پڻ انھيءَ مقدمي جي فيصلي کي ڏسڻ لاءِ درٻار ۾ پھتو. بادشاھ جي وڏي وزير تي اھو الزام ھو تہ ھُن بادشاھ خلاف سازش ڪئي آھي تہ جيئن کيس تخت تان لاھي پاڻ بادشاھ ٿئي. جنھن جي لاءِ گواھ پڻ موجود ھئا جيڪي قسم کائي قاضيءَ کي چئي رھيا ھئا تہ وڏو وزير مجرم آھي جڏھن تہ وزير سليمان پنھنجي ڏوھ مڃڻ کان بلڪل انڪاري ھو. قاضيءَ کيس آخري دفعو چيو تہ، ”ڏوھ قبول ڪري ۽ بادشاھ چيو آھي تہ، سندس جي سچ ڳالھائڻ تي معافيءَ جي لاءِ غور ڪيو ويندو“ پر سليمان وزير جو ھڪ ئي جواب ھو تہ، ”ھن ڪابہ سازش ڪونہ ڪئي آھي ۽ ھو بادشاھ جو خير خواھ آھي، کيس بي گناھ ڦاسايو پيو وڃي“.

بادشاھ ڪاوڙ ۾ اچي فيصلو ٻڌائڻ وارو ئي ھو جو حامد اچي بيٺو ۽ شاھي انداز سان بادشاھ کي جھڪي سلام ڪري اجازت وٺي تجويز ڏنائين تہ بادشاھ فيصلي ڪرڻ کان اڳ سندس ھٿ ۾ موجود ٽوپيءَ کي پائي ڏسي، بادشاھ حامد کي پرديسي ۽ مسافر سمجھي سندس چوڻ ڪيو ۽ ٽوپي پاتي، جيئن ئي ھُن ٽوپي پاتي سندس ڪنن ۾ غيبي آواز آيو تہ، ”اي بادشاھ گواھ ڪوڙا آھن ۽ سڀ ڪجھ سپہ سالار جي چوڻ ۾ پيا ڪن وڏو وزير بي ڏوھي آھي. بادشاھ کي وڏي وزير تي اڳ ۾ ئي يقين ھو سو کيس غيبي آواز بلڪل سچ لڳو سپہ سالار کي قيد ڪري سندس گواھن تي جڏھن سختي ڪئي ويئي تڏھن انھن ڏوھ قبوليو ۽ وڏو وزير ھڪدم آزاد ٿيو ۽ شان سان بادشاھ جي پير ۾ وينو. بادشاھ حامد کي پنھنجي اڪيلائيءَ ۾ طلب ڪيو ۽ کانئس ٽوپيءَ جي حيرت انگيزيءَ بابت معلوم ڪيو جنھن سڄي ڳالھ پيرائتي

ڪري ٻڌائي بادشاهه کيس انعام ۽ اڪرام ڏنا جي ڪٽڻ کان حامد انڪار ڪيو ۽ چيائين ته، ”مون کي خوشي آهي ته مون هڪ صحيح شخص جي حوالي هيءَ جادوئي ٽوپي ڪئي آهي“.ڪجه ڏينهن کان پوءِ ويجهي واري ملڪ، خدا آباد ملڪ تي حملو ڪيو جيئن ته سپه سالار قيد هو ۽ ٻيو ڪو به فوج جي اڳواڻيءَ لاءِ ڪارگر سپه سالار نه هو ان ڪري بادشاهه فيصلو ڪيو ته هُو پاڻ فوج جي سربراهي ڪندو حامد کيس منڊي ڏني ۽ چيائين ته،”هن جي پائڻ سان انهيءَ مان اهڙيون روشنيءَ جون لهرون نڪرنديون جن سان وقتي دشمنن جا سپاهي انڌا ٿي ويندا“. بادشاهه اهو ٻڌي خوش ٿيو هن هڪدم منڊي پاتي ۽ بي جگريءَ سان دشمنن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ فوج جي اڳواڻي ڪيائين ۽ کيس ڪاميابي حاصل ٿي ۽ دشمن فوج نامراد ٿي واپس ويئي.

بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو هُن هڪدم جنگ تان واپس اچي حامد جي پُڇا ڪئي کيس خبر پئي ته حامد ٻئي ملڪ هليو ويو آهي. درحقيقت حامد اهو سوچيو ته هتي وڌيڪ رهندس ته بادشاهه مون تي مهربانيون ۽ عنايتون ڪندو جي مون کي قبول نه ڪرڻ گهرجن، آئون ته هي سڀ خلق جي خدمت لاءِ پنهنجي پيءُ قاسم بابا ۽ بزرگ احمد جي خواهش مطابق ڪري رهيو آهيان مون کي ڪنهن به واپسيءَ جي تحفي ۽ انعام ۽ اڪرام جي لالچ ڪانهي.

اهڙيءَ ريت حامد هلندو هڪ ٻئي وڏي ملڪ ۾ پهتو جتي جو بادشاهه دشمن ملڪ سان جنگ ڪندي زخمي ٿيو هو جنهن کي حڪيمن لاعلاج قرار ڏنو. حامد وڃي وڏي حڪيم سان مليو ۽ کيس تسبيح ڏنائين ته انهيءَ تي الله جو نالو پڙهي علاج شروع ڪري، حڪيم ان ريت ڪيو ۽ بادشاهه

ٺيڪ ٿيڻ شروع ٿيو. حڪيم نيڪ فطرت انسان هو هُن بادشاهه جي چڱي ڀلي ٿيڻ تي ڪيس سڄي حقيقت ٻڌائي. بادشاهه حامد گهرائي ڪي چيو ته، ”هو جيڪي طلب ڪري جيڪي گهري بادشاهه ڪيس ضرور ڏيندو“. حامد ادب سان هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته. ”بادشاهه سلامت! توهان جنهن ملڪ سان جنگ وڙهي رهيا آهيو. منهنجو واسطو انهيءَ ملڪ سان آهي، منهنجي همدردي انهن سپني فوجين سان، سندن گهروارن ۽ اولاد سان آهي جيڪي ٻنهي ملڪن جي جنگين ۾ مارجي رهيا آهن. منهنجي خواهش آهي ته توهان جنگ نه ڪريو بلڪ دوستيءَ جي ذريعي جائز مقصدن جو پورائو ڪريو“. بادشاهه جي سمجهه ۾ حامد جي ڳاله اچي ويئي ۽ هن ٻئي ملڪ ڏانهن صلح ۽ دوستيءَ جو خط موڪليو ۽ پنهنجي پٽ لاءِ سندن شهزاديءَ جو سڱ گهريو. اهڙيءَ طرح حامد پنهنجي ملڪ جي بادشاهه کي به وڃي راضي ڪيو ۽ ان طرح جنگ جو خاتمو ٿيو ۽ ٻنهي بادشاهن جي وچ ۾ مائيٽيءَ جو رشتو قائم ٿيو. بادشاهه حامد مان گهڻو خوش ٿيو پنهنجي ملڪ جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ انهن جي آس پاس جون زمينون حامد جي نالي ڪيائين ۽ هو پنهنجي پيءُ قاسم بابا جي چوڻ تي عمل ڪندي پنهنجي قوم جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لڳو.

آسيہ ۽ ارسلان

ڊاڪٽر ارسلان کي اسپتال ۾ پهچي آپريشن ڪرڻو هو ڪيس دير ٿي رهي هئي پر اوچتو چوواٽي جي سگنل وٽ هڪ اڇيءَ چادر ۾ ويڙهيل عورت سندس گاڏيءَ جي اڳيان اچي بيهي رهي ۽ ارسلان موقعي جي نزاڪت سان ڪيس پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهڻ جو چيو ته جيئن هن پريشان حال پر هڪ سڌريل گهر جي عورت ڪي پنهنجي هنڌ تي پڄائي سگهي هوءَ فقيرياڻي ڪونہ هئي پر سندس منهن مان هڪ لفظ بہ نہ پئي نڪتو ۽ ڊاڪٽر ارسلان سمجهيو تہ هوءَ شايد رستو ڀلجي ويئي آهي. ان ڪري سندس مدد ڪرڻ ضروري سمجهيائين. پنهنجي اسسٽنٽ ڊاڪٽر کي فون ڪري چيائين تہ توهان ٿيٽر ۾ آپريشن جي تياري ڪيو آئون اڌ ڪلاڪ ۾ پهچان ٿو. هُو اجان پنهنجي گهر جي ئي ويجهو هو تہ ڪيس اها عورت رستي ۾ ملي. حقيقت ۾ سندس والده تازو وفات ڪئي هئي جا بہ مهينا اڳ ڪينسر جي بيماريءَ ۾ فوت ٿي ويئي هئي ڊاڪٽر ارسلان ڪيس گهڻو ڀائيندو هو ماءُ جي علاج ۽ خدمت ۾ ڏينهن رات هڪيو تڪيو بيٺو هوندو هو پر امرالله جو جو سندس والده بچي نہ سگهي. انهيءَ ڏک صدمي جي ڪري ڪيترا ڏينهن پريشان رهيو هو. هُو ۽ والده گڏ رهندا هئا. سندس شادي ڪرائڻ جي مهلت بہ ماڻس کي نہ ملي اهو ارمان ڪٽي هوءَ تہ الله پاڪ وٽ هلي ويئي ڊاڪٽر ارسلان کي گهر ويندي ئي ماءُ ياد ايندي هئي. اسپتال ۾ تہ گهڻن مريضن وچان هُو وقتي طور پنهنجو ڏک وساري ويهندو هو. هن عورت کي ڏسي ڪيس پنهنجي والده ياد اچڻ لڳي. اها عورت جنهن جو نالو آسيہ هو سا سندس گاڏيءَ ۾ ويهي رهي ڊاڪٽر ارسلان گاڏي هلائيندي پڇيس تہ، ”امان! توهان کي ڪٿي هلڻو آهي؟ آئون توهان کي پهچايان،

بزرگ عورت آسيہ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. چيائين، ”پٽ جتي بهتر سمجهين آئون تہ پنهنجو گهر ڇڏي آئي آهيان“. ارسلان حيران ٿي پڇس تہ اماں هِنَ عمر ۾ گهر ڇڏي ڪٿي پئي هلندينءِ جيڪڏهن مون کي پنهنجو پٽ سمجهين تہ آئون توکي پنهنجي گهر وٺي هلان“. آسيہ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ڊاڪٽر ارسلان پنهنجي گاڏي گهر جي طرف موڙي ۽ کيس گهر پهچائي پنهنجي والده واري ڪمري ۾ رهڻ جو چيو ۽ ٻڌايائين تہ ”آئون ڪلاڪ/ڏيڊ ڪلاڪ ۾ اچي ويندس. توهان آرام ڪريو. ڪجه کپي تہ بورچيخاني ۾ فرج ۾ هر شيءِ موجود آهي بس آئون جلدي اچان ٿو. نوڪر ٻوٽ ويل آهي، توهين اندران در بند ڪري ويهي رهو“. آسيہ کيس شڪر گذاريءَ سان ڏسندي ها ڪئي. ڊاڪٽر ارسلان هڪدم پورچ ڏي وجي گاڏي اسٽارٽ ڪئي کيس جلدي پهچڻو هو جو مريض آپريشن ٿيٽر ۾ پهچي چڪو هو. سڀ سندس انتظار ڪري رهيا هئا.

آپريشن کان فارغ ٿي سيني ڊاڪٽرن سان گڏ چانهن پيئڻ کان سواءِ هُن کائڻ موڪلايو تہ مونکي ضروري ڪم آهي. هُو اسپتال جو نگران پڻ هو. هميشہ شام جو سڄي اسپتال جي نهار ڪرڻ کان پوءِ ويندو هو پر اڄ کيس خبر هئي تہ گهر ۾ سندس جي ڪير واٽ نهاري رهيو آهي. هيءَ هڪ پرائيويٽ اسپتال هئي جنهن جو مالڪ وحيد هڪ بزنس مين هو سندس ٻہ اسپتالون شهر ۾ هيون جن مان کيس سٺي آمدني بہ ٿيندي هئي. ڊاڪٽر ارسلان جي سهڻي طبيعت سبب هو مٿس گهڻو اعتماد ڪندو هو. جنهن تي ٻيا ساڙ بہ کائيندا هئا. ڊاڪٽر شفقت جي وڏي مرضي هئي تہ ارسلان جي جگه تي هُو پاڻ اسپتال جو نگران ٿيئي تہ سندس پگهار بہ وڌيڪ وڌي ۽

وحيد صاحب سان تعلقات پڻ مظبوط ٿين، سو واٽ پيو نهاريندو هو تہ جيئن ارسلان کي ڪنهن نموني وحيد صاحب جي نظر ۾ ڪيرايان.

ارسلان گهر پهچي ڏاڍو خوش ٿيو امڙ آسيہ سندس لاءِ ماني ٺاهي رکي هئي هو ساڻس ماني کائڻ سان گڏ ڳالهيون ڪندو رهيو کيس اندازو ٿيو تہ هِنَ جو دماغ ڪنهن صدمي کان متاثر آهي سندس ياداشت گهٽجي ويئي آهي. ٻئي ڏينهن کان هُن امڙ آسيہ جي لاءِ دوائن ۽ ڪپڙن جو بندوبست ڪيو ۽ هُوءَ پڻ بلڪل کيس پنهنجي پٽ وانگر ڄاڻندي گهر بہ سنڀالڻ لڳي ۽ سندس لاءِ دعائون بہ گهرڻ لڳي.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر علي، ارسلان کان پڇيو تہ اڄڪله توهين جلدي گهر ويندا آهيو ۽ ڪجه سوچن ۾ بہ آهيو ڇا ڳاله آهي؟ ارسلان کيس ٻڌايو تہ ”سندس والده گهر ۾ آهي ان ڪري جلدي ويندو آهيان ۽ هوءَ بيمار پڻ آهي سندس صحت جو فڪر ڪندو آهيان“. ڊاڪٽر شفقت ان مهل اُتان گذري رهيو هو. کيس خبر هئي تہ ڊاڪٽر علي تہ هن اسپتال ۾ گذريل مهيني آيو آهي ۽ ان کي اها ڄاڻ ئي ڪانهي تہ ارسلان جي والده تہ ڪينسر ۾ وفات ڪري ويئي آهي پر اصل ڳاله تہ ارسلان اهو ڪوڙ ڇو ڳالهائي رهيو آهي ۽ ٻي ماءُ ڪٿان آئي آهي؟ هُن وڃي وحيد صاحب جا ڪَنَ ڀريا ۽ کيس چيائين تہ ”ڊاڪٽر ارسلان جي والده زنده آهي سر هن اسپتال مان 20 لک ماءُ جي علاج لاءِ پڻ ڪنيا آهن ۽ ڪافي موڪلون ڪيون جنهن سان اسپتال کي وڏو نقصان پڻ ٿيو آهي، توهين سندس گهر مون سان گڏ هلو تہ اصل حقيقت جي خبر پوي“.

سر وحيد پريشان ٿي ويو پر ظاهر آهي هُو هڪ بزنس مين هو فقط هر ڪنهن تي اعتبار ڪرڻ سان تہ سندس ڪم نٿي هلي سگهيو سو ڊاڪٽر

شفقت سان وچڻ جي ها ڪيائين سندس دل ۾ تہ هاڻي ڊاڪٽر ارسلان لاءِ شڪ جو ٻج پوکجي ويو هو.

جيئن ئي ٻئي ڄڻا گڏجي ارسلان جي گهر پهتا هُو ڪين دروازي تي ڏسي حيران ٿي ويو. ڊاڪٽر شفقت دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو تہ هاڻي تہ ڊاڪٽر ارسلان جو ڪوڙ پڪڙجي ۽ بي عزتو ٿيئي. ڊاڪٽر ارسلان دروازي تان هٽي کين اندر اچڻ جو چيو وحيد صاحب ارسلان کي چيو تہ ”آئون توهان جي والده جي وفات تي اچي ڪونہ سگهيو هئس هاڻي فاتحہ خواني لاءِ آيو آهيان“. سيني ٻُڪ کنيا ۽ فاتحہ پڙهي. ڊاڪٽر کين ٿوري دير ۾ چانهن بسڪيٽ پيش ڪيا. ڊاڪٽر شفقت دِل ۾ خوش پئي ٿيو تہ هاڻي ٿي ارسلان جي اصليت ئي کُلي، سو ڏانهس منهن ڪري چيائين تہ،”ڊاڪٽر ارسلان توهان جڏهن اسان جي دعوت ڪئي هئي تڏهن توهان جي والده حيات هئي“. ارسلان سمجهي ويو چيائين، ”ها ڊاڪٽر شفقت، مون کان الله پاڪ هڪ ماءُ کسي پنهنجي قدرت سان هڪ ٻي ماءُ ڏني آهي جنهن جو ڪير بہ ڪونهي ڪيس پٽ جي ضرورت آهي ۽ مون کي ماءُ جي“. ايئن چئي آسيہ کي سڏ ڪائين تہ، ”امي اچي منهنجي اسپتال جي مالڪ سان ملو“. آسيہ چادر پائي جيئن ئي اچي ڊرائينگ روم ۾ پهتي وحيد صاحب کيس عجب سان ڏٺو منهن مان ڪو لفظ ڪونہ ڳالهايائين. ڊاڪٽر شفقت امان آسيہ کي ڏسي پڇيو تہ امان جي! ڇا ڊاڪٽر ارسلان توهان جو پٽ آهي؟ ”ها پٽ! ارسلان تہ منهنجو پيارو پٽ آهي“، ڊاڪٽر شفقت خوش ٿي وحيد صاحب ڏي نهاريو ۽ ارسلان خلاف ڳالهائيندي کيس چوڻ لڳو ”سر! مون ڪونہ چيو هو تہ ڊاڪٽر ارسلان جي والده حيات آهي“. وحيد صاحب جو منهن لهي رهيو هو هُو صوفہ تي پاسا متائڻ لڳو جڏهن سڀ دروازي تي موڪلائي رهيا هئا ۽ سڀ درمان نڪري چڪا تڏهن پوڙهي آسيہ وحيد صاحب کي آهستي سان چيو ”پٽ! مون تنهنجي بي عزتي ڪرڻ نٿي چاهي ۽ ڪنهن

ڪي ٻه نه ٻڌايم ته تون منهنجو سڳو پٽ آهين ۽ ايترو آسودو هوندي به منهنجي ننهن مون کي گهر ۾ نٿي برداشت ڪري، نوڪرن جهڙي حياتي ۽ ڏکن منهنجو دماغي توازن ئي وڃائي ڇڏيو هو. قدرت مون کي ارسلان جي روپ ۾ هڪ بلڪل سڳي پٽ جهڙو سنو پٽ ڏيئي ڇڏيو آهي، ڪيس ماءُ جي ضرورت به آهي ۽ ماءُ جو قدر پڻ. اميد تون هاڻ پنهنجي زال سان خوش هوندين هاڻي آئون انهيءَ گهر ۾ ڪڏهن به واپس ڪونه ايندس“. وحيد صاحب جو اکيون آليون ٿي ويون اڄ هڪ ماءُ پنهنجي پٽ کي هميشه لاءِ خوشيءَ سان ڇڏي ڏنو.

واپسيءَ ۾ گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر شفقت، وحيد صاحب کي چوڻ لڳو ”سر! مون توهان کي اڳيئي چيو هو ته ڊاڪٽر ارسلان ڪوڙو ۽ فراڊيو آهي هن ڪمپنيءَ کان پئسا به ماءُ جي علاج لاءِ ڪنيا ۽ چيو ته والده وفات ڪري ويئي آهي، جڏهن ته سندس ماءُ زنده آهي، هو صاف ڪوڙ پيو ڳالهائي“. سر وحيد جي اکين ۾ آيل لڙڪن جي برسات ڊاڪٽر شفقت اونداهيءَ ۾ ڏسي نه سگهيو ۽ کيس اها خبر ئي نه هئي ته اها ته وحيد صاحب جي والده آهي جا سندس گهرواريءَ جي ظلمن کان تنگ ٿي روڊن تي رُلي رهي هئي ۽ ڊاڪٽر ارسلان ان کي نئين حياتي ڏني آهي، وحيد صاحب ته انهيءَ احسان کي ڪڏهن به لاهي نٿو سگهي.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر ارسلان کي هڪ خط اسپتال طرفان مليو جنهن ۾ سندس کنيل 20 لک قرض معاف ڪيو ويو هو ۽ هن جي پگهار ٻيڻي ڪئي وئي هئي. ڊاڪٽر شفقت اڄ تائين ارسلان تي ڪيل انهيءَ مهربانيءَ جو سبب سمجهي نه سگهيو آهي ۽ نه ئي ڊاڪٽر ارسلان هن راز کي ڄاڻي سگهيو آهي. ڇو ته وحيد صاحب اصل حقيقت ڪنهن کي به نه ٻڌائي آهي ۽ ارسلان کي سندس نيڪين ۽ ماءُ جي ڪيل خدمتن ۽ دعائن جي نتيجي ۾ ڇڱايون پلئه پيون.

صوفن جو باغ

رابعه هر آچر جي ڏينهن پنهنجي والدين جي گهر ٻارن کي وٺي ملڻ ويندي هئي ۽ رات جي ماني کائڻ کان پوءِ يا سندس ڀائر کين ڇڏي ويندا هئا يا فاروق سندس گهر وارو به اچي ويندو هو. ٻار ناناڻن ۾ اچي گهڻو خوش ٿيندا هئا. رابعه جا مالي طور ڪمزور هئي، درحقيقت ڪمزور به ڪونه هئي وٽن ننڍو زمين جو ٽڪرو هو جنهن ۾ سندس سهري جا پوکيل صوفن جا وڻ هئا. جن مان کين سٺي آمدني ٿيڻ لڳندي هئي پر جيئن ته فاروق ڪجه سست ۽ لاپرواهه قسم جو ماڻهو هو. هُو خوش فهم هو ته بنا محنت جي به سڀ ڪجه حاصل ٿي سگهي ٿو انهيءَ ڪري پنهنجي باغ طرف توجه ڪونه ڏيندو هو. جنهن جي ڪري هر سال ٿورو ميوو ٿيندو هو. جنهن مان ڪو گهڻو پئسو نه پئي مليو.

هڪ ڏينهن رابعه پنهنجي پيءُ جي گهر والد کي اڪيلو ڏسي پنهنجو اندر اوريو. چيائين، بابا توهين چوندا آهيو ته، ”اُتم کيتي وڏنڊڙ واپار، نيچ نوڪري پنڻ بيڪار“ ۽ ”کيتي سرسيتي آهي“، پر پنهنجي داماد کي سمجهايو هُو سست ٿي هر وقت گهر ۾ ويٺو آهي باغ مان اُپت صفا گهٽ آهي ۽ ٻارن جو خرچ به پورو نه پيو پوي، زمين ڪري رهي آهي آخر ڪلر ٿي ويندي پوءِ ڪجه به نه ورندو. فاروق ڀين تي اعتبار ڪري ٿو پاڻ محنت نٿو ڪري نه ئي وڃي اُتي رهي ٿو ”ڏڻ ته ڏٽي نه ته وڪڻ ڪٽي سو“ وڪٽي به ڇڏيون پر پوءِ فاروق ته ڪجه به ڪونه ڪندو ۽ پئسا به کپي ويندا. آئون سخت پريشان آهيان“.

ابراهيم صاحب سڄي ڳاله سربستي ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي نياڻيءَ جي مٿي تي هٿ ڏيئي کيس آٿت ڏني ۽ چيائين، ”منهنجي لڇمي ڌيءَ ڏرو به

اُلڪو نہ ڪر آئون اڃان حيات آهيان توکي ڏکيو ڏينهن ڪونہ ايندو. هُو داماد آهي، پر وانگر آهستي آهستي طريقي سان چوندو مانس“.

ٻئي ڏينهن ابراهيم پنهنجي نانيءَ فاروق کي چيو تہ، ”رات جي ماني اچي اسان جي گهر کائو“. هن اها دعوت خوشيءَ سان قبول ڪئي. بهترين ماني تيار ڪئي ويئي، دعوت کان پوءَ فاروق کي وٺي ابراهيم صاحب ڊرائينگ روم ۾ الڳ ويهاري ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڪوئيٽا ۾ سردي هئڻ جي ڪري هُو ٻيئي هيٽر جي ويجهو ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. رابعہ ۽ ٻار اندر گهر جي ٻين ڀاتين سان وندري رهيا هئا.

ابراهيم صاحب رازداريءَ جي نموني سان فاروق کي چيو تہ، ”فاروق مون کي خبر آهي تہ توکي سون گهڻو پسند آهي، مون وٽ سون ٺاهڻ جو هڪ ڪارگر نسخو آهي ۽ ان جي لاءِ سڀ شيون هٿ ڪيون اٿم پر هڪ شيءِ جي ڪمي آهي ۽ اها آهي تازن صوفن جي وڻن جي تارين جو پائوڊر. جي وڻن جو ميوو مڪمل لاهڻ کان پوءِ ان ۾ رهيل تازين تارين جو پنج ڪلو ڪٽيل پائوڊر ملي ۽ اهي وڻ صحتمند ۽ جاندار هجن ۽ اها شيءِ جيڪڏهن تون حاصل ڪري سگهين تہ پاڻ سون ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين“. فاروق پنهنجي سهري جي اها ڳاله ٻڌي خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو. چوندا آهن، ”انڌو گهري هڪڙي اک هتي تہ ٻہ اکيون پئي مليون“ سو فاروق، ”نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم“. سهري جي هٿ مٿي هٿ رکي چوڻ لڳو تہ، ”آئون واعدو ٿو ڪريان تہ هن پيري باغ ۾ محنت ڪندس ۽ ايترا تہ بهترين صوف ٿيندا جو انهن جي بچيل لامن ۾ پڻ وڏي جان هوندي ۽ ڏينهن رات محنت ڪري توهان کي اهو پائوڊر هٿ ڪري ڏيندس. سهرو خوش ٿيو.

ٻئي ڏينھن ڪان ئي فاروق صبح جو سوير اُٿي باغ تي وڃڻ لڳو ڪيس تمام گھڻو افسوس ٿيو تہ سندس لاپرواھيءَ جي ڪري صوفن جا وڻ تہ سُڪي ويا ھئا ۽ انھن ۾ جان بہ گھٽجي ويئي ھئي. پر ھن ڪي بہ سون ناھڻ جو شوق ھو سو سيني وڻن کي اعلىٰ قسم جو پاڻ ڏيارائي مھانگا اسپري ڪرايائين تہ ڪي وڏا ولايتي وڻ پڻ پوکيائين ۽ باغ جي پاڻيءَ تي ۽ باغ جي وڻن پنن تي مڪمل ڌيان ڏيڻ لڳو. ھو پنھنجي والد سان بہ ڪم ڪندو ھو ڪيس ٻنيءَ ٻاري ۽ باغ جي سار سنڀال جي خبر بہ ھئي پر فقط پنھنجي شيءِ جي مالڪي نہ ڪرڻ تي اھو وڏو نقصان ٿيو ھو. ھاڻي سندس اک کُلي ويئي، اوڙي پاڙي جا ڪُڙمي ۽ زميندار حيران ٿي ويا تہ ”اج ھيءُ سج ڪٿان اڀريو آھي؟ فاروق ۽ ھيتري محنت؟ ڪھڙو سج اڀريو آھي؟ پر چوندا آھن جڏھن خدا مَتِ ڏئي سو سون جي لالچ سان ڪيس مَتِ اچي ويئي ھئي. سندس محنت صاب پئي، وڻن ۾ صوف لڳڻ ۽ پچڻ شروع ٿي ويا ھئا. آخر اھو وقت بہ اچي ويو جو فاروق صوفن جي ڪٽائي ڪرڻ شروع ڪئي پر ڪيس صوفن ڪان بہ وڌيڪ دلچسپي انھن سنھين ٽارين سان ھئي جن کي سُڪائي سون ناھڻ لاءِ پائوڊر ناھڻو ھو. ڪيس اھو ڌيان ئي نہ رھيو تہ سندس زال ۽ پٽ مالھيءَ سان گڏجي صوفن جو ڪيتريون پيٽيون پيري بازار ۾ موڪلين پيا.

ڪيترن ئي ڏينھن جي محنت ڪان پوءِ فاروق اھي ٽاريون سُڪائي پائوڊر ناھي سھري وٽ کڻي ويو ۽ پڇڻ لڳو تہ ”ھاڻي سون ناھڻ جو ڪم ڪڏھن شروع ڪندا“؟ سھري مرڪي جواب ڏنس تہ ”سون تہ تنھنجي گھر ۾ تيار پيو آھي. وڃي گھر ڏس تہ تون ڪيتري ڍڳ سون جو مالڪ ٿي ويو آھين، سون جا سڪا تنھنجي محنت جو ڦل آھن جي گھر ۾ موجود آھن.

هو تڪڙو تڪڙو گهر پهتو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو ته سندس گهرواري ۽ ٻار وڏي ڪمري ۾ سندس انتظار ڪري رهيا هئا ۽ ميز سون جي سِڪن سان ڀري پئي هئي. فاروق حيران، پريشان ۽ خوش ٿي چوطرف نهارڻ لڳو. ڪائنس پڇيائين ته، ”هيترا سارا سون جا سِڪا توهان وٽ ڪٿان آيا“؟ هن جي زال مُرڪندي چيو، ”اُهي اسان وٽ تنهنجي گهڻي محنت سان آيا آهن. اهي سون جا سِڪا صوفن ڪي وڪڻي اسان سوناري ڪان ورتا آهن خدا ڪندو ته ايندڙ سالن ۾ به پاڻ ڪي ايترو سون ملندو رهندو“. هاڻي فاروق ڪي احساس ٿيو ته سندس سهري ڪيس ڪيئن نه ”حرڪت ۾ برڪت“ جو سبق سيکاريو آهي، هن پنهنجي دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته آئينده ڪڏهن به پنهنجي زال، ٻارن ۽ گهر جي مسئلن طرف بي توجهي ڪونه ڪندو ۽ نه ئي محنت کان گهٻرائيندس.

پيارا ٻارو! محنت ۾ عظمت آهي، پنهنجي وطن ۽ ذرتيءَ ۾ اسان لاءِ سون لڪيل آهي جيڪڏهن اسان محنت ڪريون ۽ وقت جي قدر ڪريون ته گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهون ٿا.

سچي خوشي

عامر کي ڏاڍي بک لڳي رهي هئي مٿان وري ڪبابن جي خوشبوءِ گرم نان ۽ چٽڻيون ڏسي، سخت سيءَ ۾ سندس جسم سردي ۽ بک ڪري ڏڪي رهيو هو. پر ڪيس بيرو هئڻ جي حيثيت ۾ آرڊر هر گاڏيءَ تي پهچائڻو هو. هُو مئٽرڪ پاس هو. اڳيان پڙهڻ تي چاهيائين پر حالتن سبب پڙهي نہ سگهيو. مٿس گهر جون جوابداريون اچي ويون هيون. سندس پيءُ ڀاڄيون وڪڻندو هو هُن جي گاڏي تي طرحين طرحين جون ڀاڄيون هيون پر مهانگائيءَ هٿي سيني جي چيله چٻي ڪري ڇڏي هئي.

چاچو حيدر صبح جو سوير گهران سبزي منڊيءَ لاءِ نڪرندو هو تازيون ڀاڄيون وٺي رڪشا ۾ گهر آڻي، پوءِ گاڏو سينگاري گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڀاڄيون وڪڻي بہ بجي تائين گهر اچي ويندو هو. اڌ ڏينهن ڪم ڪندو هو تہ بہ چڱا خاصا پئسا گڏ ٿي ويندا هئا ۽ عامر بي فڪريءَ سان پڙهندو بہ هو تہ اسڪول ۾ پڻ سٺي خرچي کڻي ويندو هو پر جيئن مهانگائي وڌندي ويئي سندس پيءُ جي ڌنڌي ۽ ڪمائيءَ ۾ فرق اچڻ لڳو هاڻي چڱا آسودا ماڻهو پڻ شهر ۾ ڀاڄي منڊيءَ مان ڀاڄيون وٺڻ لڳا هئا ڇو تہ ٿوڪ جي حساب سان اُتان سستيون ٿيون ملن. چاچي حيدر جا گراهڪ گهٽجڻ لڳا. منڊيءَ مان بہ ڀاڄي مهانگي ملڻ لڳي تہ رڪشا جو ڀاڙو بہ وڌيڪ ٿيڻ لڳو ۽ ڀاڄين جي کپت بہ گهٽ ٿيڻ لڳي هاڻي هو صبح کان شام تائين پيو هلندو هو تہ بہ تمام ٿورا پئسا گهر آڻي سگهندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن عامر کي ويهاري چيائين تہ، "پٽ! آئون تنهنجي تعليم جو خرچ وڌيڪ نٿو کڻي سگهان ۽ آئون هاڻي ٻڍو ٿيندو پيو وڃان چاهيان تہ آرام ڪريان پر گهر

جي مجبوري مون کي آرام ڪان روڪي پيئي. جيڪڏھن تون بہ ڪٿي ڪم تي لڳي وڃين تہ پاڻ پيءُ پٽ گڏجي گھر جو گاڏو ھلايون“.

عامر کي ڳاله دل سان لڳي پر وري بہ چوڻ لڳو ”بابا منھنجي دل آھي تہ اڳيان ڪاليج ۾ پڙھان جيڪڏھن ڪٿي ڪم ۾ لڳس تہ پڙھي ڪونہ سگھندس“. چاچو حيدر ھڪ ھوشيار ماڻھو ھو ھُو دردر رُلي چُڪو ھو سو کيس تسلي ڏيندي چيائين، ”آئون جنھن پاڙي ۾ اڳ ۾ پاڇيون ڏيندو ھئس اُتي وڏا بنگلا آھن آئون ڪنھن صاحب سان ڳالھايان ٿو ۽ کيس تنھنجي خواھش بہ ٻڌايان ٿو مَنَ ڪا سٺائي ٿي وڃي“.

ان ريت حيدر ٻئي ڏينھن ڊفينس جي علائقي ۾ جتي ھو اڳ ۾ ايندڙ ويندڙ ھو ويو ۽ اُتي ڪانئس پاڇيون نوڪر، نوڪرياڻيون يا ڪڏھن گھر جي مالڪياڻيون وٺندا ھئا. ڪنھن صاحب جي ھن ڪڏھن شڪل ڪونہ ڏٺي ھئي ۽ صبح جي وقت ظاھر آھي مرد ماڻھو تہ پنھنجي ڪمن تي ويل ھجن ٿا. ھن ھڪ نوڪر معرفت مالڪياڻيءَ تائين پنھنجو مسئلو ٻڌايو جا رحم دل ھئي ٻاھر نڪري آئي ۽ کيس ٻڌايائين تہ سندن ھڪ ننڍو ھوٽل آھي جتي ڇوڪر شام جو بيرو ٿي ڪم ڪري سگھي ٿو ۽ صبح جو بلڪل پڙھائي ڪري، حيدر گھڻو خوش ٿيو ۽ کين دعائون ڏيندو اچي گھر پھتو. ٻئي ڏينھن اُن ڏس پٽي تي عامر کي موڪليائين، مالڪياڻيءَ اڳ ۾ ئي چٺي چڏيو ھو ۽ ان ريت عامر کي اُن ھوٽل تي نوڪري ملي ويئي پر خدا جي قدرت مھيني ۾ سندس والد فوت ٿي ويو. انھيءَ ۾ بہ ڪا رب جي رضا ھئي جو ھو پنھنجي پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي نوڪريءَ سان لڳي چڪو ھو.

اھو ھوٽل صاف سٿرو ۽ ماڊرن نموني جو ھو. جنھن تي وڏيون وڏيون گاڏيون اچي بيھنديون ھيون. سڄو ڪاروبار رات جو ھلندو ھو. شام جو

پنجين بجي کان باربي ڪيو جو ڪم شروع ٿي ويندو هو عامر بہ چار بجي گهر کان نڪرندو هو ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ هوٽل تي پهچي ويندو هو ايمانداريءَ سان پنهنجو ڪم ڪندو هو. جيئن تہ هن هوٽل جي اعلىٰ معيار جي ڪري هتي جي ماني مهانگي هئي ۽ ان جي بورچين ۽ ڪاڏي ٺاهڻ ۽ هوٽل جي ٺاھ ٺوھ تي گهڻو خرچ ايندو هو انڪري اسٽاف کي ماني کائڻ لاءِ ڪونہ ملندي هئي. پگهار باقي سٺو ملندو هو. ڪڏهن ڪنهن موقعي مهل تي يا اتفاق سان وڏيڪ بچي پوڻ تي بيرن يا ٻئي اسٽاف کي کاڌو ڏنو ويندو هو نہ تہ هر ڪو منجهد جو گهران کائي ايندو هو ۽ رات جو ڪم بعد پنهنجي گهر وڃي کائيندو هو.

هتي اڪثر سيٺ حماد ماني کائڻ ايندو هو اڄ بہ هو سيخ ڪباب، نان ۽ چٽڻين سان کاڌو کائي بوتل پي رهيو هو. گاڏيءَ ۾ سندس پويان سندس پٽ شهريار ويٺل هو جيڪو پڻ ملائي ٻوٽيءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. عامر هڪ پل لاءِ ڏِک سان سوچيو، ”هي ڪيڏا نہ خوش قسمت آهن، ڪين ڪيترين نہ نعمتون مليل آهن، وڏين وڏين گاڏين ۾ ويهي بي فڪريءَ سان کاڌي جي لذتن سان ايئرڪنڊيشن ۾ خوشي پيا حاصل ڪن ۽ اسان جي قسمت اهڙي آهي جو اهڙيءَ سچي خوشيءَ کان محروم آهيون“.

سندس دل ۾ شدت سان اها خواهش پيدا ٿي تہ هُو امير ٿئي ۽ سندس اڳيان بہ بيرو کاڌو رکي ۽ سندس چيو مڃي پر کيس خبر هئي تہ اها خواهش پوري ٿيڻ ناممڪن آهي ۽ اهو سوچي هُو اداس ٿي ويو ۽ پنهنجي بدقسمتيءَ جو ڏک ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ ريت هو جڏهن بہ سيٺ حماد کي پنهنجي پٽ سان گڏ هوٽل تي ايندو ڏسندو هو ۽ پاڻ جڏهن کين آرڊر پهچائيندو هو تڏهن هڪ لحظي لاءِ (شهريار جيڪو سندس عمر جو هو) کي ڏسي سوچيندو

ضرور هو تہ سندس قسمت ايتري خراب ڇو آهي؟ ۽ اهي ڳالهيون گهر اچي پنهنجي ماءُ سان ڪندو هو جا کيس اهو سبق ڏيندي هئي تہ هر حال ۾ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي رب خبر ناهي ڇا ۾ راضي آهي ناشڪري ڪفر آهي.

سندس ماءُ کيس اهو بہ چوندي هئي تہ، ”پٽ! دنيا ۾ فقط اسين نہ پر لکين ماڻهو غريب آهن ۽ ڪيترائي امير آهن. هر ڪنهن جا الڳ الڳ مسئلا آهن، اميرن جا پنهنجا مسئلا آهن ۽ غريبن جا پنهنجا مسئلا آهن. ”مٽ مٽ سورن جي هر ڪنهن وٽ آهي“، الله هر ڪنهن کي آزمائيندو آهي ڏيئي بہ ۽ نہ ڏيئي بہ، دنيا ۾ هميشہ ڪنهن کي بہ ڪونهي رهڻو. ڪامياب اهو آهي جو الله جي رضا ۾ راضي آهي“. عامر اڪثر پنهنجي ماءُ سان بحث ڪندو هو ڪڏهن ڪڏهن کيس ماءُ جي ڳالهين مان سڪون بہ ملندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن هو سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيندو هو وري جڏهن شام جو هوٽل تي ويندو هو اميرن جا نمونا ڏسندو هو تڏهن سندس دل اداس ٿي ويندي هئي. کيس لڳندو هو تہ غريب جو ڪير ڪونهي غريب جو تہ واءُ بہ ويري آهي ۽ غريبي هڪ اهڙي مصيبت آهي جنهن مان ڇوٽڪارو ناممڪن آهي.

اڄ بہ سيٺ حماد جي گاڏي جيئن ئي هوٽل جي پارڪنگ ۾ اچي بيٺي تہ دل ئي دل ۾ هن سندس قسمت تي هڪ ٿڌي آهہ ڀري ۽ گاڏيءَ جي ويجهو آرڊر ڪٽڻ لاءِ ويو. عامر جو هن هوٽل تي ڪم ٻاهر پارڪنگ ۾ آيل گاڏين جا آرڊر اُتي پهچائڻ هو. سو جڏهن سيٺ جي ڪاري ڪرولا وٽ پهتو تہ کيس سيٺ اداس ڏسڻ ۾ آيو ۽ شهريار بہ ويٺل ڪونہ هو عامر هڪدم پنو پين ڪڍي، آرڊر پڇيو سيٺ صاحب ٿڌي نموني کيس چيو ”پٽ! فقط آئيس

ڪريم کٽي اچ“، عامر حيران ٿي ويو ڪيس خبر هئي تہ سيٺ حماد جڏهن بہ ايندو آهي سنو آرڊر ڏيندو آهي ۽ ڪيس بہ خرچي ڏيندو آهي، اڄ ڇا ٿي ويو جو خالي آئس ڪريم! ايتري ۾ هوٽل جو مالڪ سيٺ حماد کي ڏسي اچي ڪار وٽ بيٺو ۽ چوڻ لڳو ”چو سيٺ صاحب اڄ صرف آئس ڪريم سان پيٽ ڀريندا ڇا؟ جيڪي چئو حاضر ڪريون“. مالڪ جي سيٺ سان دوستي بہ هئي.

سيٺ حماد جي منهن تي اُداسي وڌيڪ وڌي ويئي، ايترو چئي سگهيو تہ بس هاڻي گهڻو ڪاڏم پيٽم هاڻي تہ فقط آئس ڪريم ئي ڪائي سگهان ٿو. مالڪ عجب سان سيٺ کي ڏنو تيستائين سيٺ پاڻ چيو ”ڇا ٻڌايان گلي جو ڪينسر ٿي پيو آهي هاڻي ڊاڪٽرن بين سيني شين کان جهليو آهي فقط آئس ڪريم جي اجازت ڏني آهي“. ايئن هو آهستي آهستي ڳالهائڻ لڳو سندس گلي ۾ تڪليف محسوس ٿي رهي هئي. عامر جون اکيون کليون ئي رهجي ويون. سيٺ حماد جي ڳاله ٻڌي حيران، پريشان ٿي ويو ڪيس سندس ماءُ جا جملا ڪنن ۾ گونجڻ لڳا تہ ”پٽ! تقدير اڳيان تدبير نٿي هلي خدا پاڪ سيني کي آزمائي ٿو. عامر سوچيو وٽس دنيا جي وڏي دولت، صحت، سچي خوشيءَ جي صورت ۾ موجود آهي. اوچتو ڪيس لڳو هُو دنيا جو امير ترين شخص آهي سيٺ حماد کان بہ وڌيڪ آسودو.

واقعي سياڻن صحيح چيو آهي تہ ”تندرستي هزار نعمت آهي“.

ڏه روپيا

محمد خان هڪ سلڇڻو سپوٽ نينگر هو. سندس والدين، مٽ، عزيز ۽ اسڪول وارا ڪيس گهڻو پيار ڪندا هئا. مائٽن هُن جي تربيت اهڙي ڪئي هئي جو سندس لڇڻ وڻندڙ هئا. هو پنجين درجي ۾ پڙهندڙ هو. پاڙي جي دوست رفيق سان گڏجي صبح جو اسڪول ويندو هو. پهرين ته پنڌ ويندو هو پر پوءِ سندس والد هُن جي لاءِ گاڏي ۽ ڊرائيور جو پڻ بندوبست ڪيو جنهن ۾ پڻ پنهنجي گهٽيءَ جي دوست رفيق کي وٺي ويندو هو. رفيق هڪ ايماندار ۽ سچو ڇوڪرو هو سندس سنگت تي محمد خان جا مائيٽ خوش ٿيندا هئا. رفيق سندن گهر به ايندو ويندو هو ٻيئي گڏ پڙهندا به هئا ۽ رفيق جي والده سان پڻ محمد خان جي ماءُ جو اٿڻ ويهڻ هو اهڙيءَ طرح ٻنهي گهرن جا لاڳاپا ٻارن پويان ويجها ٿي ويا. جڏهن محمد خان ڇهين درجي ۾ آيو تڏهن سندس ڪلاس ۾ ٻه سيڪشن ٿي ويا ڪيس اي (A) سيڪشن مليو ته رفيق کي بي (B) سيڪشن، انهيءَ ڪري سندن گڏ اٿڻ ويهڻ ۾ فرق اچڻ لڳو ۽ هوم ورڪ پڻ الڳ الڳ نموني جو ٿي ويو جو هر سيڪشن جو ٽائيم ٽيبل الڳ هو. رفيق ۽ محمد خان ته به اسڪول گڏجي ايندا ويندا هئا، باقي شام جو هر هڪ پنهنجي پنهنجي گهر ۾ هوم ورڪ ڪندو هو.

اهڙيءَ ريت نئين سيڪشن ۾ محمد خان کي هڪ نئون دوست قاسم مليو جو سندس سيٽ جي ڀر ۾ ويهندو هو. قاسم پڙهائيءَ ۾ ته چڱو هو پر منجهس هڪ وڏي خامي هئي، اها هئي بي سبب مذاق مشڪريءَ ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي. جنهن جي ڪري هُو زوريءَ ٻين کي ڪلائيندو هو. ٽوٽڪا ٻڌائيندو هو ۽ قسمين قسمين ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهيندو هو. پنهنجي انهن

ڳالھين جي ڪري سمجھ دار ۽ ھوشيار ڇوڪرا ڪانئس پاسو ڪندا ھئا پر محمد خان جو سندس پر ۾ ويھندو ھو سو آھستي آھستي ان جو عادي ٿيندو ويو ۽ ڪيس قاسم جي ڪوڙين ڳالھين ۾ ڪو نقص ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو ھو. دل ۾ سوچيندو ھو تہ ويچارو جيڪڏھن ڪنھن کي ڪلائي دل خوش ٿو ڪري تہ ڇا ٿيو؟ اھو تہ ھڪ بي ضرر ڪوڙ آھي ڪنھن جو نقصان نٿو ڪري، ڪنھن کي خوش ڪرڻ تہ ھڪ طرح سان نيڪي آھي. سندس ماءُ ڪيس سچ ڳالھائڻ جي عادت وڌي ھئي، ھوءَ ڪيس ڪوڙ کان ھميشہ روڪيندي ھئي. "ڪوڙ جي منھن ۾ ڌوڙ سچ تہ بيٺو نچ"، جھڙيون چوڻيون ۽ مثال ڏيئي سندس تربيت ڪيائين پر حقيقت آھي تہ سنگت سان ئي ماڻھو سڃاتو وڃي ٿو سنگت سٺي آھي تہ ماڻھو مانائتو آھي ۽ جي سنگت خراب آھي تہ ھر ڪو ماڻھو ان کان پاسي ٿي ويندو آھي. محمد خان کان پڻ قاسم جي دوستيءَ جي ڪري سنا دوست پاسو ڪرڻ لڳا ۽ ھُو قاسم کي ويو پٺي ويجھو ٿيندو. "گدرو گدري کي ڏسي رنگ پڪڙيندو آھي" سو قاسم جي صحبت ٿوري وقت ۾ محمد خان تي پڻ اثر ڪرڻ لڳي ھو بہ ننڍي ننڍي ڳالھ ۾ بي سبب ڪوڙ ڳالھائڻ لڳو ۽ ڪجھ وقت ۾ تہ ايتري مھارت سان ڪوڙ ڳالھائڻ لڳو جو ٻئس گمان ئي نہ ٿئي تہ ھو ڪوڙ ڳالھائي رھيو آھي.

ھڪ ڏينھن قاسم ڪيس چيو تہ "تنھنجي پيءُ جي سڄي دولت آھي تہ تنھنجي لاءِ، ٻيو تہ ڪو اولاد آھي ڪونہ پوءِ ھو توکي ايترا گھٽ پئسا ڇو ٿو ڏئي"؟ تون وڏيڪ جي گھر ڇو نٿو ڪرين ھو سوچڻ لڳو تہ "بابو تہ وڌيڪ پئسا ڪونہ ڏيندو ڪو بھانو ڪريان جو ڪيس خبر نہ پوي" سو پيءُ کي چيائين تہ "اسڪول ۾ غريبن جي مدد لاءِ فنڊ جمع ڪريون ٿا مون کي بہ پئسا ڏيو تہ آئون ھڪ جيڏن سان گڏ غريب فنڊ ۾ پئسا ڏيئي مانائتو ٿيان"

پڻس بلڪل خوشيءَ سان ڪافي پئسا ڏنس ھُن کي محمد خان تي اعتبار ھو. اھڙيءَ ريت ٻہ ٽي دفعا ڪوڙا بھانا ڪري ھن پنھنجي پيءُ کان پئسا ڪنيا ۽ اھي قاسم سان گڏجي خوب خرچ ڪري ختم ڪيا. چوندا آھن ڪوڙ جا پير نہ ھوندا آھن سو اھو راز ظاھر ٿي ويوي تہ محمد خان ڪوڙ ڳالھائڻ سکيو آھي سندس والده کي خبر پئجي ويئي تہ ھن جي سنگت صحيح ڪانھي ڪيس گھڻو صدمو ٿيو ھوءَ تمام سمجھ دار ايماندار ۽ سلجھيل عورت ھئي. ھن محمد خان کي تہ ڪجھ ڪونہ چيو پر پنھنجي مڙس کي پروسي ۾ ورتائين ۽ ٻيئي سوچ ۾ پئجي ويا تہ ھن مشڪل مان ڪيئن نڪرون ۽ حل ڳولھڻ لڳا. محمد خان جي پيءُ جو ڪپڙي جو واپار ھو ۽ ھن جو ھڪ گدام پڻ ھو جتي ھو ڪپڙو سستي اگھ تي نفعي سان وڪڻندو ھو وٽس جيڪي ٻہ ڪم ڪندڙ ۽ مئنيجر ھئا سي سڀ نيڪ ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ ھئا ۽ مٿن ھن جو اعتبار ھو.

ھڪ ڏينھن ھُو ماني کائي رھيو ھو ڪيس مئنيجر جو فون آيو تہ لاھور مان لاٽ ڪپڙن جو آيو آھي ڪيتري ۾ سودو فائينل ڪريون ان ڏينھن محمد خان جي والد جي طبيعت نيڪ نہ ھئي ھُن پٽ کي چيو تہ ”آئون آرام ڪرڻ چاھيان ٿو تون گدام تي وڃ ۽ مئنيجر کي چئج تہ چاليھ روپين ۾ وال تي لاٽ جو فيصلو ٿيئي تہ سودو ڪري ڇڏ“. ايئن چئي سيٺ صاحب سمھي رھيو. محمد خان وڃڻ بدران فون تي مئنيجر کي ھدايتون ڏنيون پر پنھنجي مشڪريءَ واريءَ ڪوڙ جي عادت مطابق مذاق ۾ ڏھ رپيا وڌيڪ يعني پنجاھ روپيا وال چئي ڇڏيائين. مئنيجر ھا ڪري ڇڏي پنھنجي مذاق تي دل ئي دل ۾ کلڻ لڳو. ان ئي رات ھو پنھنجي والد جي ڪمري جي ٻاھران گذري رھيو ھو تہ ڪيس آواز آيو سندس پيءُ ھن جي والده کي چئي رھيو ھو

تہ محمد خان مون کي ڪٺي جو نہ ڇڏيو. سندس انهيءَ ننڍي ڪوڙ يا لاپرواهيءَ جي ڪري ڏهن روپين وڏيڪ چوڻ سان مون کي لکن جو نقصان ٿيو آهي. سڄو لاٽ پوري ٽرڪ جو هو هزارين وال ڪپڙي تي ڏھ روپيا وڏيڪ مهانگي وٺڻ سان آئون ڪمائيندس تہ ٽڪو بہ ڪونہ پر مرڳو مون تي قرض چڙهي ويندو ۽ گاڏي بہ وڪڻي پوندي.

محمد خان جڏهن ٻڌو تہ هُو هڪدم غريب ٿي ويا آهن. سندن گاڏي پڻ نقصان جي ڪري وڪامي رهي آهي ڪيس وڏو ڇرڪ پيو تہ پنهنجي هڪ ننڍي غلط جملي ڳالهائڻ سان سندس پيءُ لاءِ جام مصيبت پيدا ٿي آهي هُو شرم ۾ ٿي ٻڏي ويو. پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جون پريشانيءَ جون ڳالهيون ٻڌي سندس تاڪ لڳي ويا. ”بہ بہ ويس تہ ڇھ بہ ويس“. ان ڏينهن کي بددعا ڏيڻ لڳو جنهن ڏينهن قاسم سان دوستي ٿي هيس جنهن اهڙا غلط مذاق ۽ مشڪريون ڪيس سيکاريا. دل ۾ چوڻ لڳو تہ مون تہ فقط انهيءَ لاءِ ٿي ڪيو تہ بابا مئنيجر کي دٻون پٽي ڪاوڙ ڪري ۽ هُو معافيون گهري پر هيءُ تہ سڄو قصو ئي ابتو ٿي ويو آهي. مائيٽن جي ڪمري جي ٻاهران سندس دل ٻڏڻ لڳي ۽ ٽنگون ڏڪڻ لڳيون. هو روئڻ لڳو ۽ زمين تي ويهي رهيو. سندس ماءُ آواز ٻڌي ٻاهر آئي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريائين. محمد خان روئيندي پنهنجي ڪوڙ جو اعتراف ڪيو تہ ”فقط ڏھ روپين وڏيڪ ٻڌائڻ سان اسان کي ايترو نقصان ٿيندو مون تہ سوچيو ئي ڪونہ هو هاڻي آئون ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندس پلي ڇا بہ ٿي وڃي. مون کي خدا پاڪ ئي معاف ڪونہ ڪندو جي ڪوڙ ڳالهايان“. ماءُ هڪدم سندس منهن تي هٿ رکيو ۽ چيائين، ”نہ پٽ ايئن نہ چئو“. پر ڪيس روئڻ ڏنائين ماءُ سمجهيو تہ هيءُ پشيمانيءَ جا لڙڪ آهن جن جو ڪرڻ ضروري آهي، اها سچي توبہ آهي هاڻي سندس پٽ

صحيح رستي تي اچي رهيو آهي. محمد خان جي پيءُ ڪيس اٿاري ڇاتيءَ سان لاتو ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي آڱوٺي سان فتح جي نشان جو اشارو ڪيائين ۽ هوءَ بہ مرڪي پيئي جيڪڏهن مئنيجر کين فون ڪري سچي صورتحال نہ ٻڌائي ها تہ کين اهو ڊرامو ڪرڻ جو موقعو نہ ملي ها پر محمد خان کي سڌي رستي تي آڻڻ جو اهوئي طريقو بهتر هو. انهيءَ سان وڏو فائدو اهو ٿيو تہ سندن پٽ مان هميشہ لاءِ ڪوڙ جي عادت ختم ٿي ويئي ۽ غلط بياني ڪندڙ چوري ڪندڙ هڪ نقصانڪار دوست قاسم جي سنگت مان پڻ پنهنجي پٽ کي بچائي ورتائون.

خود غرضي

ايمان پنهنجي والد کي زور ڀرڻ لڳي ته سندس ساهيڙيءَ جي سالگره آهي ڪيس گاڏيءَ ۾ وٺي شهر هلي ۽ سائره کي ڏيڻ لاءِ ڪو تحفو وٺي ڏي. اظهر دير سان آفيس مان اچڻ ڪان پوءِ ڏاڍو ٿڪل هو پر ايمان تي دل گهٽي هيس ان جي ڪابه فرمائش رد ڪري ڪونه سگهندو هو. سو ڪيس خوش مزاجيءَ سان چيائين ته ”به شرط آهن اهي پورا ڪر ته هلندس“. ايمان ته بلڪل راضي هئي بنا پڇڻ جي چيائين ”شرط پورا ڪنديس توهان وٺي ته هلو“. اظهر کلي چوڻ لڳو ”پهرين سٺي چانهن پيار“ ۽ ٻيو ته هڪ ئي دفعي تيار ٿي هل تحفو وٺي توکي ساهيڙيءَ جي گهر ڇڏي آئون پوءِ گهر اچي ويندس ۽ ٻن ڪلاڪن ڪان پوءِ ماني ڪائي وٺڻ ايندس“ ايمان ڪنڌ هاڪار ۾ ڌوڻي سڌي ٻورچيخاني ڏي ويئي ۽ چانهن جو پاڻي گئس تي رکي خود تيار ٿيڻ لڳي هوءَ هئي ته ڇهين درجي ۾، پر ماڻس منجهس ايترو ته سليقي منديءَ جو شعور وڌو هو جو ننڍيءَ عمر ۾ ڪيترا ڪم خود ڪندي هئي. ايمان جي ماءُ موجب ته، اولاد ۾ جيڪي عادتون ننڍيءَ عمر ۾ پونديون اهي ئي اڳيان هلي پختيون ٿينديون سندس چوڻ موجب پنهنجي اولاد جا اهي مائيٽ سجڻ آهن جي ڪين تعليم سان گڏ تربيت ۾ پڻ هر وقت ڌيان ڏين ٿا.

ايمان جلدي جلدي تيار ٿي چانهن ڪٽي پيءُ جي ڪمري ۾ آئي هو به ڪيس خوش ڏسي سرهو ٿيڻ لڳو ۽ چانهن پي هلڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو. گهران نڪري هڪ وڏي دوڪان ۾ داخل ٿيا جتي ايمان پنهنجي ساهيڙيءَ لاءِ هڪ سٺي پرس ورتي ۽ پيڪ ڪرائي جلدي گاڏيءَ ۾ اچي پڻس کي چيائين ته، ”جلدي هلو متان سائره جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽجي نه وڃي“ ۽ ائڊريس

ٻڌائڻ لڳي پر اظهر کي ائڊريس ياد هئي جو اڳ ۾ بہ هڪ دفعو ايمان کي سندس ساهيڙيءَ سائره جي گهر ڇڏڻ آيو هو. دروازي تي پهتي مَس تہ ايمان کي آواز اچڻ لڳو Happy Birthday To you هن اظهر صاحب کي چيو"بابا! ڪيڪ ڪٽجي رهيو آهي آئون بہ صحيح پهچي وئي آهيان توهين ڪلاڪ ڏيڍ ۾ اچي وڃجو. پڻس مشڪي کيس مذاق ۾ چيو "اوڪي مئڊم" ۽ ايئن ايمان گهر ۾ داخل ٿي سالگره ۾ شامل ٿي وئي.

اظهر جيئن ئي گهر واپس پهتو هن وهنجي ڪپڙا بدلائي ٿي.وي ڏسڻ شروع ڪئي ۽ ٿاڪ شو ۾ سندس ايترو ڌيان لڳو ويو جو ماني بہ ڪمري ۾ گهرائي کاڌائين اوچتو وقفي ۾ کيس اندازو ٿيو تہ بہ ڪلاڪ ٿي ويا آهن. ايمان انتظار ڪندي هوندي گهروارن کي ٻڌائي چاٻي کڻي ٻيهر پنهنجي پياري ڌيءَ کي وٺڻ لاءِ ويو جا سندس انتظار ۾ ويٺي هئي، مهمان سڀ هليا ويا هئا. سائره کيس در تي ڇڏڻ آئي ۽ اظهر صاحب کي بہ اچڻ جي صلاح ڪيائين. ٻنهي پيءُ ڌيءَ کانئس موڪلايو.

واپسيءَ ۾ رستي ۾ اظهر صاحب ڏٺو تہ هڪ ماڻهو روڊ تي ايڪسيڊنٽ جي ڪري پٽ تي پيو آهي ۽ رت ۾ ٻريل آهي کيس گهڻا ڌڪ لڳا آهن. ايمان رڙ ڪري چيس تہ،"بابا! گاڏي روڪيو هن ماڻهوءَ کي اسپتال پهچايون"، پر هن ڌيءَ کي چيو تہ،"تون چري تہ ڪونہ ٿي آهين! رات جو ڏهين بجي هن شخص کي کڻي اسپتالن ۾ ويندس سڀ پڇا ڪندا ۽ پوليس کي الڳ منهن ڏيڻو پوندو".

ايمان چيو تہ "بابا! پر اهو هڪ انساني زندگيءَ جو سوال آهي"، اظهر صاحب کي ڪاوڙ اچي وئي کيس دڙڪو ڏيندي چيائين، "بابا! تون اجان ننڍي آهين پوليس ۽ اسپتالن جا معاملا نٿي سمجهين ان ڪري چپ ڪري ويه انهن معاملن ۾ وڏن جي وچ ۾ دخل ڪونہ ڏبو آهي".

ايمان پنهنجي پيءُ جي انهيءَ رويي تي حيران ٿي وئي ۽ سندن گاڏي اڳيان نڪري وئي. گهر پهچي ايمان کي سالگره جي فنڪشن جي خوشي

ئي وسري ويئي اهو پوڙهو سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو رات جو ڪيس ننڊ به صحيح نہ آئي.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن اظهر صاحب پنهنجي لان ۾ چانهن پي رهيو هو جو سندس گهرواريءَ کيس چيو تہ گئس نہ پيو اچي ناشتو ٻاهران وٺي اچو. سيني کي بک لڳي هئي. هن موٽرسائيڪل ڪڍي تہ ويجهي دوڪان تان حلوو پوريون وٺي اچان ۽ دوڪان جي سامهون روڊ تي موٽرسائيڪل بيهاري جيئن ئي روڊ پار ڪيائين هڪ تيز رفتار گاڏي ڪيس ٽڪر هڻي ويئي، هُو فٽ پاٿ سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري پيو سندس مٿي ۾ ڏاڍو ڌڪ لڳو ۽ خون وهڻ لڳو ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا هرڪو گاڏيءَ واري کي گهٽ وڌ چوڻ لڳو پر ڪير بہ کيس کڻي اسپتال پهچائڻ لاءِ ويجهو نہ آيو. اظهر جو مٿو سور سان ڦاٽي رهيو هو سندس مٿي مان رت ريلا ڪري وهي رهيو هو پر ڪوبہ ويجهو اچڻ لاءِ تيار نہ هو هن خود کي تمام بي وسيءَ ۾ محسوس ڪيو ايستائين هڪ ماڻهو سيني کي هٽائي اڳيان وڌيو ۽ اچي اظهر کي کنيائين ۽ کيس اسپتال ۾ پهچائي ۽ گهر ۾ اطلاع ڪرايائين. اظهر کي گهڻي ڪمزوري ٿي رهي هئي کيس پنهنجي محسن جي نالي جي ڪابہ خبر نہ هئي پر دل ئي دل ۾ هو ان کي دعائون ڏيئي رهيو هو. هن کي اهو ضرور محسوس پئي ٿيو تہ جنهن شخص کيس کنيو ۽ کڻي اسپتال پهچايو اهو سندس ڏٺل وائل پئي لڳو پر جيئن تہ هو پوءِ بي هوش ٿي ويو ۽ کيس هوش اسپتال ۾ ئي آيو. جتي سيني رشتي دارن ۽ گهرڀاتين کي ڏسي هن جهيڻي آواز ۾ پڇيو تہ، "مون کي هتي ڪنهن پهچايو آهي"؟ سندس والده امير بيگم چوڻ لڳي، "پٽ! اهو تہ ڪو فرشتو هو جو تنهنجي مدد لاءِ ڏٺيءَ سڳوري موڪليو هو نہ تہ ڪير بہ هتي وٺي اچڻ وارو ڪونہ هو".

اظهر پنهنجي ماءُ کي چيو تہ، "امان توهين سندس نالو تہ معلوم ڪرايو ها". امير بيگم وراڻيو، "پٽ! هن پنهنجي نالي ٻڌائڻ کان جواب ڏنو ۽ چيائين تہ آئون پنهنجي نيڪي ضايع نٿو ڪرڻ چاهيان". جڏهن سڀ

اسپتال مان هليا ويا تڏهن اظهر جي نياڻي ايمان سندس ويجهي آئي ۽ چيائين، ؟بابا! توهان کي خبر آهي ته توهان کي هتي ڪنهن پهچايو“؟، ”نه پٽ!“ اظهر صاحب جواب ڏنو پاڻ ڪانئس سوال ڪيائين ته، ”ڇا توکي خبر آهي ته اهو ڪير آهي“؟ جلدي ٻڌائي ته آئون سندس مهرباني مڃيان جنهن مون تي هيڏو وڏو ٿورو ڪيو آهي؟ نه ته هيءَ دنيا ته سڄي خود غرض آهي“. ايمان آهستي سان کيس چيو ته، ”بابا! هي اهو ماڻهو هو جيڪو ان ڏينهن روڊ تي ايڪسيڊنٽ کان پوءِ رت ۾ ٻڏل پيو هو ۽ ڪير به هن کي اسپتال پهچائي نه رهيو هو ۽ جنهن لاءِ مون پڻ توهان کي منٿ ڪئي هئي پر پاڻ پڻ ٻين جيان اڳيان نڪري وياسين سندس مدد ڪونه ڪئي سين“. اظهر صاحب جون اکيون آليون ٿي ويون هو شرمندگيءَ جي ڪري پنهنجي نياڻيءَ سان اکيون ملائي ڳالهائڻ جي جرات ئي نه پئي ساري سگهيو کيس احساس ٿيو ته دنيا ۾ موجود ٻين خودغرضن وانگر هن پڻ انهيءَ ڏينهن ڪيڏي نه وڏي خودغرضيءَ جو مظاهرو ڪيو هو.

ڪريلو ته ٿئي پلائي

الله بخش جو دوڪان اناج مارڪيٽ ۾ هڪ اهم جڳه تي هو. هيءُ دوڪان سندس پيءُ جي هٿن سان شروع ٿيل هوءِ اڄ پوري بازار ۾ اناج جي جنسن ۽ سيڌي جو وڏو دوڪان هو. الله بخش تمام محنتي ۽ بچت وارو هو پر ڪڏهن ڪجه حد تائين ڪنجوس پڻ هو. ڇو جو سندس نظر ۾ ته هن سڀ ڪجه پنهنجي محنت، عقل ۽ بچت سان ئاهيو آهي ان ڪري ئي هُو باحيثيت آهي سندس پٽ عمران يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ڪرڻ ٿي گهري، پر الله بخش کيس چيو ته هو في الوقت دوڪان سنڀالي جيڪڏهن سندس دل نه لڳي ته پوءِ نوڪريءَ لاءِ سوچبو. عمران به سمجهيو ته هو فارغ آهي واندڪائي کان ڪا ڪرت بهتر آهي ان ڪري پنهنجي والد سان دوڪان تي ويهڻ جي ها ڪيائين دوڪان جو مئنيجر ۽ ٻيا به ڪم ڪندڙ محنتي ۽ هڏڏوڪي هئا ۽ مالڪ الله بخش جا وفادار پڻ هئا. پنهنجي نئين مالڪ جي دوڪان تي اچڻ ۾ خوش ٿيا ۽ دوڪان جي ۽ بازار جي هر خبر کيس ٻڌائڻ لڳا ۽ عمران پڻ هن ڏس ۾ تجربو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهيو اڄ کيس هفتو ٿي ويو هو. خميس جو ڏينهن هو، ڪم مان واندو ٿي هُو اخبار پڙهي رهيو هو ته سامهون دوڪان جي ٿلهي جي پير ۾ هڪ عورت ڪي پريشان حال ڏٺائين جا گهڻي بي چين لڳي رهي هئي عمران، ڪم واري ارشد کي سڏ ڪري چيو ته، ”ڏس! هيءَ مائي ڪير آهي؟ پينو فقير آهي يا ٻي ڪا ڳاله آهي“. ارشد ٻڌايس ته، ”عمران صاحب هيءَ عورت فقيرياڻي ڪانهي بلڪه هڪ غريب عورت آهي جا ڪنهن کان ڪجه گهرندي ڪانهي پر بازار ۾ ڪي دوڪاندار کيس هفتي جو سيڌو دوڪان تان ڏيندا آهن، اهو ڪٺڻ آئي آهي“.

پر ”لڳي ته گهڻي پريشان ٿي“ عمران چيو. ارشد ساڳي ڳاله ڪئي ته ”سائين بڪ به ته پريشاني آهي هي غيرت مند ماڻهو مجبوريءَ ۾ هٿ ته ٽنگين ٿا پر دِلي طور شرمسار هجن ٿا ان ڪري فڪر ۾ پريشاني سندن منهن مان ظاهر پئي ٿيئي“. عمران سوچ ۾ پئجي ويو ڪيس احساس ٿيو ته دنيا ۾ وڏو ڏک غربت ۾ ٻي وسي آهي هڪ بيواه عورت جي مدد ڪرڻ ثواب آهي يقيناً هن جا ٻار به هوندا جن جي لاءِ هيءَ صبح کان هتي راشن لاءِ پئي واجهائي اهو سوچي هن هڪ پنو ڪنيو ۽ پين کڻي هن عورت جي لاءِ ڏهن ڏينهن جو سيڌو لکي پرچي ارشد کي ڏنائين. ارشد حيران ٿي ويو چيائين، ”صاحب هي ته ڪافي ڏينهن جو سودو آهي وڏي صاحب ۽ منشيءَ کي خبر پئي ته ناراض ٿيندا“!. عمران چيس ته فاالحال هن کي سامان ڏئي ۽ ڪنهن سان ڳاله نه ڪج“ راشد خوش ٿيو ۽ سندس سيٺ جو پٽ سخي ۽ مهربان آهي. هن ٻن وڏن ٿيلهن ۾ سودو وجهي انهيءَ عورت کي ڏنو جا شڪراني جي نظر سان عمران ڏي نهاريندي ٿيلها کڻي اڳيان رواني ٿي سندس اکين ۾ آيل پاڻي عمران کان ڳجهو نه رهيو. عمران کي خوشي ٿي ته اڄ جي ڏينهن هُو ڪنهن جي ڪم آيو. اهو ڪم ڪري ڪيس دلي سڪون مليو. هن حساب لڳايو ته سندن دوڪان جي ڪمائيءَ مان والد ڪيترائي گهر ونئي ڇڏيا آهن جن جي هر مهيني ڪافي مسواڙ اچي رهي آهي ۽ ان کان سواءِ هو پاڻ پڻ ٻين اڄڪله جي نوجوان ڇوڪرن وانگر ڪو غلط شوق نٿو رکي ونس پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ ۾ پڻ ڪافي پئسا پيا آهن جن مان هو غريبن جي مدد ڪري سگهي ٿو.

اهڙيءَ ريت پنهنجي نوڪرن جي مدد سان هن غريبن کي سامان ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو جنهن ۾ ڪنهن هڪ ڪٽنب کي مهيني ۾ هڪ دفعو پرچيءَ تي سودو لکي ڏيندو هو ۽ اها پرچي کڻي جڏهن اهو شخص سندس دوڪان تي ويندو هو تڏهن مفت ۾ اهو سودو ملندو هو ان ريت عمران لک روپين جو سودو ٻن مهينن ۾ ورهائي چڪو هو. هاڻي سندس

بئنڪ اڪائونٽ ۾ ويه هزار بچيا هئا اجان هن ٻئي پئسي جي بندوبست جو سوچيو پي تيستائين سندس پيءُ کي هن سلسلي جي خبر پئجي ويئي هن عمران کي گهرائي دڙڪا ڏنا ۽ چيائين ته، ”ابا! هيءُ پرچيءَ وارو ڪهڙو سلسلو آهي“؟ عمران طريقي سان مڪمل ڳاله والد کي ٻڌائي پڻس ٿي ته چڻ ڪا چپ ڪري هُو هڪو ٻڪو ٿي ويو پڇيائين، ”پئسا ڪٿان ٿو خرچ ڪرين“، عمران وراڻيو ته ”پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ مان“، الله بخش کي ڪاوڙ اچي ويئي پر پاڻ تي ضبط ڪندي ٻيهر چيائين، ”ڪيترا پئسا آهن تو وٽ؟ ۽ ڪيترا خرچ ڪيا اٿئي انهيءَ خيرات ۾“؟ عمران جواب ڏنو ”هڪ لک خرچ ڪيو آهي باقي ويه هزار ڪندس“، الله بخش ٽوڪ مان چيو ”پوءِ ڇا ڪندين“؟ عمران اکيون هيٺ ڪري چوڻ لڳو ”بابا! ان ڪان پوءِ دوڪان تي ويهڻ جو توهان جيڪو پگهار ڏيندا اهو خرچ ڪندس پر توهان جي مرضيءَ جي بغير توهان جي پئسن مان هڪ روپيو به الله جي راهه ۾ ڪونه ڏيندس، پئسا نه هوندا ته خاموش ٿي ويهي رهندس“.

الله بخش چيو ته ”تون هاڻي وڃي سگهين ٿو مئنيجر کي موڪل“. مئنيجر جيئن ئي سيٺ الله بخش وٽ پهتو هن ڪيس سختيءَ سان چيو ته، هن معاملي تي ڏيان ڏئي ۽ عمران کان اهي پئسا وصول ڪري جيڪي هو سودي جي صورت ۾ دوڪان مان ورهائي چڪو آهي. عمران سڄي ڳاله ٻڌي ورتي هُو ته ذهني طور تيار هو ۽ هڪ رجسٽر به راشد جي مدد سان اڳ ۾ ٺاهيو هئائين جنهن ۾ انهن غريب ماڻهن جي فهرست ۽ ڏنل سامان جو حساب ڪتاب هو. هن مئنيجر کي نه فقط هڪ لک روپين جو چيڪ ڏنو جيڪو خرچ ٿي چڪو هو پر ويهن هزارن جون ٻيون به پرچيون ۽ چيڪ لکي ڏنا ته جيئن هن مهيني جي رهيل خيرات مڪمل ٿي وڃي اهڙيءَ ريت سندس بئنڪ اڪائونٽ ته ختم ٿي ويو پر هن ڏک ته ڪونه ڪيو پاڻ اطمينان محسوس ڪيائين ته هڪ نيڪيءَ جي ڪم ۾ هٿ ونڊايو هئائين

پر اهو بہ سوچڻ لڳو تہ ”ڇا اهو چڱائيءَ جو سفر ختم ٿي ويو؟ هاڻي ڇا ٿيندو؟ “اڃان انهن سوچن ۾ هو تہ راشد اچي ڪيس اطلاع ڏني تہ ڪير توهان سان ملڻ آيو آهي؟ هُو اٿي بيٺو تہ هڪ شخص اچي ساڻس هٿ ملايو ۽ چيو تہ ”هتي ويجهو هڪ هوٽل آهي هلي اتي ويهون ٿا آئون توهان جي واڪاڻ ٻڌي آيو آهيان منهنجو نالو غوث بخش آهي آئون توهان جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ ٿو چاهيان؟، پر اهو ٻڌايو توهان جي فنڊنگ ڪير ڪري رهيو آهي ۽ اهو ڪم خيرات جو ڪهڙي مقصد هيٺ ڪري رهيا آهيو“. عمران کي ڪل اچي ويئي هن کيس ٻڌايو تہ ڪابہ فنڊنگ ڪٿان بہ ڪونهي هُو پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ ۾ پيل پئسي مان خيرات ڪندو هو هاڻي اهي ختم ٿي ويا آهن. غوث بخش هڪدم چيڪ بڪ ڪڍي کيس هڪ لک جو چيڪ لکي ڏنو ۽ چيو تہ ”آئون هر ڇهن مهينن کان پوءِ توهان کي لک روپيا ڏيندو رهندس پر نيڪيءَ جو هيءُ سفر جاري رهڻ کپي“. عمران پڇيو تہ ”سر! توهين ڪير آهيو ۽ مون تي ايترو اعتبار ڪيئن پيا ڪريو“؟ غوث بخش مُرڪي وراڻيو تہ ”آئون هڪ واپاري آهيان منهنجون ڪيتريون ايجنسيون آهن ۽ ڀلي آمدني آهي پر آئون گهڻو مشغول رهندو آهيان مستحق ماڻهن کي ڳولهڻ ۽ انهن جي لاءِ سودو وٺي ڪين پهچائڻ منهنجي لاءِ ڪجه مشڪل آهي مون توهان جي باري ۾ معلومات گڏ ڪئي آهي ۽ توهان جو ڪم تمام صحيح معلوم ٿيو آهي ان ڪري هيءُ چيڪ قبول ڪريو ۽ هڪ رجسٽر تيانهيءَ جو حساب بيشڪ لکو“ ۽ پنهنجو ڪارڊ ڏيئي کيس چيائين تہ ”آئون چاهيان ٿو هيءُ ڪم هڪ مظبوط ۽ منظم طريقي سان ٿيئي، آئون توهان کي ٻيا پئسا بہ جلد ڏيندس“. غوث بخش هليو ويو ۽ عمران ڪافي وقت سندس ڏنل چيڪ کي ڏسندو رهيو ٻئي

ڏينهن اهو چيڪ ڪيش ٿيو تہ سندس دل باغ ۽ بهار ٿي ويئي. هُن هڪدم نئون رجسٽر ڪڍي امداد لاءِ غريبن جي لسٽ ٺاهڻ شروع ڪئي اهڙيءَ ريت چند مهينن کان پوءِ غوث بخش ٻيهر وٽس آيو هن دفعي هُن سان گڏ وڪيل بہ هو جنهن سڄو ڪاتو ڏٺو ۽ غوث بخش خوش ٿي ڪيس ٻيو چيڪ ڏنو گڏ صلاح ڏني تہ هو هن کي وڏي پئماني تي ڪري ڪنهن تنظيم يا ٽرسٽ جي صورت ۾ ۽ ٻين خيرات ڏيندڙ باحيثيت شخصن کي بہ شامل ڪري.

عمران ان ريت ئي ڪيو سڀ کان پهرين ”بسم الله ٽرسٽ“ جي نالي سان جماعت کي رجسٽر ڪرايائين ۽ ٻين ڪيترن خير ڪيندڙن کي پاڻ سان ملائي ڇڏيائين سندس اهو ڪم وڏي پئماني تي ٿيڻ شروع ٿي ويو هاڻي ڪيترن هنڌان چيڪ ملڻ لڳا. بازار ۾ يونين وارن پنڻ وارن تي پابندي لڳائي ڇڏي هر ضرورت مند کي عمران جي دوڪان تي موڪلڻ لڳا.

عمران جي پيءُ جي گهڻي ناماچاري ٿيڻ لڳي بازار جي يونين وارن کيس نائب صدر ڪري چونڊيو ۽ سندس دوڪان تا سودي جو ڪپ گهڻو ٿيڻ جي ڪري دوڪان ترقي ڪرڻ لڳو. اڳ ۾ فقط بہ نوڪر هئا ۽ هاڻي تہ ڇه نوڪر ٿي ويا ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ اناج هول سيل ۾ موڪلڻ شروع ڪيائون ايتري تہ برڪت پئي جو خيرات سبب دوڪان جي ترقي چوڻي ٿي ويئي جيئن رب پاڪ قرآن پاڪ ۾ خيرات جي وڏائڻ جو يقين ڏنو آهي اهو عمران جي هن عمل سان ثابت ٿي ويو.

وڏو پوڪيو ثواب ڪمايو

عمير هڪ محنتي، ذهين ۽ دل جو نرم ڇوڪرو هو ڪنهن کي بہ مصيبت ۾ ڏسندو هو تہ سندس دل ۾ انهيءَ لاءِ درد جاڳندو هو ۽ هُو دل ۾ سوچيندو هو تہ، ”ڪاش! آئون وڏو هجان ۽ دولت مند هجان تہ سڀني جي مدد ڪري سگهان“. انهيءَ هوندي بہ جيرو ڪانئس پڇي سگهندو هو. هُو اڪثر ڪلاس جي ڇوڪرن، پاڙي وارن ۽ گهروارن جي مدد ڪندو رهندو هو. پر سندس مَنَ ۾ هميشہ اها ڳاله واسو ڪندي هئي تہ ڪنهن کي بہ ڏکايل ڏسجي ان سان همدردي تہ ضرور ڪجي ڇو جو ڏکايل سان بہ ٻول مٺا ۽ همدرديءَ جا ڳالهائڻ سان بہ ان جو ڏک سور ڪجھ تہ گهٽجي ويندو. مئٽرڪ ۾ پڙهندڙ هن شاگرد کي مطالعي جو بہ گهڻو شوق هو. هُو اڪثر اهڙيون ڪهاڻيون، ناول ۽ ٻيا ڪتاب پسند ڪندو هو جنهن ۾ انسان جي انسانيت لاءِ ڀلائي جاڳايل هجي.

هڪ ڏينهن عمير اسڪول مان وپس وڃي رهيو هو تہ ڪيس رستي ۾ آواز آيو هن، مڙي آسي پاسي ڏٺو روڊ تي ڪيس ڪير نظر نہ آيو وري اڳيان وڌيو تہ ساڳيو آواز آيو. ٻيهر ڏٺائين تہ نِمَ جي هڪ گهاٽي وڻ هيٺ هڪ بزرگ شخص وينل نظر آيو جو ٻاهرين ڏيک ۾ فقير تہ نٿي لڳو پر پريشان ٿي ٻئي هٿ مٿيءَ ۾ وجهي صدا لڳائي رهيو هو تہ، ”وڏو پوڪيو ۽ ثواب ڪمايو“. هيءُ عجيب قسم جي صدا ۽ غريب قسم جو پيرمرد ڏسي عمير کي خيال آيو تہ ڇو نہ ساڻس بہ ٻول ڳالهايان ۽ اهو سوچي روڊ جي پاسي وڻ وٽ پنهنجي سائيڪل کي بيهاري سندس پير ۾ زمين تي ويهي رهيو. ڪانئس پڇيائين تہ، ”بابا! اهو ورجائي ورجائي ڇئي رهيا آهيو ”وڏو پوڪيو ۽ ثواب

ڪمايو“ ڇا مسئلو آهي توهان جون اکيون ٻه آليون آهن. ڪهڙي داستان آهي جنهن توهان کي هن گرميءَ ۾ مٽيءَ تي وڻ هيٺ ويهاريو آهي؟ پيرمرد ڏانهس ڏسي چيو ”پٽ! تون هڪ سلڇڻو جوان پيو لڳين پر منهنجي دکدائڪ داستان ٻڌي ڇا ڪندين“؟ عمير جي توجه وڌيڪ وڌي وئي چوڻ لڳو ته. ”بزرگ سائين توهين ٻڌايو آئون وڏن جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌندو آهيان مون کي انهن ۾ وڏو سبق ڏسڻ ۾ ايندو آهي“. پوڙهو چوڻ لڳو پٽ! جڏهن مون انٽرميڊيئيٽ پاس ڪيو آئون هڪ ڪاٺ جي ڪارخاني ۾ مزوري ڪرڻ لڳس پڙهيل هئڻ ڪري ماپ ۽ ڪٽنگ وغيره جو ڪم جلدي سمجهي ويس ۽ ڪم ۾ تمام جلدي هوشيار ٿي ويس. ايتريقدر مهارت حاصل ڪري ڇڏيم جو سڀ مون کان سڄڻ لڳا ۽ مون ۾ پڻ فخر ۽ غرور اچي ويو پر پنهنجي ان تبديليءَ کي نظرانداز ڪندي آئون اڳتي وڌندو رهيس ۽ خوش گذاريندو هئس.

هڪ ڏينهن ڪارخاني جي مالڪ کي ڪنهن ڳاله تي ڪاوڙ اچي ويئي هن مون کي پڻ ٻين ڪم ڪندڙن سان گڏ دڙڪا ڏنا ۽ مون پنهنجي پاڻ کي مٿي ٿي سمجهيو ته. آئون هوشيار آهيان. قابل آهيان مون کي ڇو ٿو دڙي. سو بحث ڪيم ۽ وڌيڪ سندس ناراض ٿيڻ تي ڪاوڙ ۾ نوڪري ڇڏي آيس. گهر اچي اهو سڀ ڪجه جيڪو وهيو واپريو هو سو پنهنجي ماءُ کي ٻڌايم پر منهنجي ماءُ کي منهنجي ڳاله پسند ڪونه آئي هن مونکي سمجهايو ته. ”پٽ مالڪ. مالڪ هوندو آهي ۽ هُو چار ڏينهن توکان وڏو آهي تون نه بحث ڪرين ها نه نوڪري ڇڏين هان. هڪ ڏينهن کان پوءِ جڏهن سندس ڪاوڙ ٺڏي ٿيئي ها هُو خود احساس ڪري ها. وڏا جيڪي چوندا آهن انهيءَ ۾ ڪا ڀلائي هوندي آهي. اڄ ڪله جي نوجوانن وانگر تون

برداشت جو مادو نہ وڃائين ها“. پر مون کي امان جي ڳالھ ايتري پسند ڪونہ آئي ۽ هڪ ڳڻ مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيم ۽ ضد ۾ اچي فيصلو ڪيم تہ هاڻي سيٺ وٽ وري وڃڻ بي عزتي آهي مون کي تہ سچو ڪم اچي ٿو آئون ٻاڻيهي سيٺ ٿي ڏيکاريندس. آخر مالڪ خود کي سمجهي ڇا ٿو؟ ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ مون پنهنجي فيصلي تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجھ قرض کنيم تہ ڪجھ پئسا هٿ ۾ هئا ڪاٺ جي ڪم جون چند مشينون وٺي هڪ ننڍي دوڪان ڪان پنهنجي ڪم جي شروعات ڪيم. اهڙيءَ ريت منهنجو ڪم شروع ٿي ويو.

منهنجي ماءُ مون کي هميشہ وڻن جا فائدا ٻڌائيندي هئي ۽ اڪثر چوندي هئي تہ وڻ بيشڪ اسان جي ضرورت آهن پر ميويدار وڻ ۽ جتي پکين جا آکيرا هجن يا جتي انسانن ۽ پکين کي آرام ملي انهن کي ڪٽڻ کان پاسو ڪيو. اهڙيءَ ريت امان وڻن کي ڪٽڻ جي سخت خلاف هئي. هڪ ڏينهن آئون هڪ وڻ ڪٽڻ ۾ مشغول هئس تہ انهيءَ وڻ مان روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. اڳيان پويان نهاريم پر ڪير ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. آئون وري وڻ ڪٽڻ ۾ مصروف ٿي ويس ٿوريءَ دير ۾ هڪ جهرڪي وڻ مٿي اُڏامندي گوڙ ڪرڻ لڳي پر تيستائين وڻ ڪٽجي ويو هو. گهر اچي امان سان ڳالھ ڪيم تہ هوءَ چوڻ لڳي اهو روئڻ جو آواز انهيءَ وڻ جو آهي جنهن کي تون ڪٽي رهيو هئين. وڻ جاندار آهي ۽ هُو فرياد ٿا ڪن تہ اسان کي نہ ڪٽيو اهي ساهہ کڻن ٿا، محسوس ڪن ٿا ۽ ان ننڍي جهرڪيءَ جو بہ اُتي بلڪل آکيرو هوندو“. پر مون پنهنجي ماءُ جي ڳالھ ڪِنَ ۾ ٽاري ڇڏي. چيو مانس تہ، ”امان پيلا وڻ بہ ڪڏهن روئندا آهن اهي تہ ڳالهائي بہ نٿا سگهن“. بهرحال امان کي منهنجي ڳالھ ڪونہ وڻي ۽ آئون پنهنجيڏَن ۾ اڳيان ڪان اڳيان

وڏندو رهيس وڏيڪ ڪاٺ حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيڪ کان وڏيڪ وڻ ڪٽي گڏ ڪندو رهيس. اهڙيءَ ريت منهنجو ڪم تمام گهڻو مقبول ٿي ويو.

ٿوري وقت ۾ منهنجي ماءُ وفات ڪري ويئي. آئون گهر ۾ اڪيلو رهجي ويس منهنجي اڃان شادي بہ نہ ٿي هئي. گهڻو وقت پنهنجي ڪاٺ جي ڪارخاني ۾ گذاريندو هئس. هڪ ڏينهن مون کي اُتي ننڊ اچي ويئي، اک کليم تہ سڄي ڪمري ۾ دونهن پکڙيل هو پاڻ کي بچائي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم سمجهي ويس تہ ڪارخاني اندر ڪاباهہ لڳي رهي آهي پر منهنجي وَس ۾ ڪجهہ ڪونہ هو جو آئون بي هوش ٿي ويو هئس اک کليم تہ اسپتال ۾ هئس. جتي مون کي شديد ساهہ جي تڪليف ٿي پئي هئي ۽ نندو ڪارخانو سڄو سڙي رک ٿي ويو. ان وقت مون کي پنهنجي ماءُ ياد آئي. جنهن چيو هو تہ "پٽ! پکي، جانور، وڻ سڀ جاندار آهن ۽ محسوس بہ ڪن ٿا ۽ انهن جي اندر زندگي آهي. هن مشڪل وقت ۾ منهنجي دُعا ڏيندڙ ماءُ مون سان گڏ نہ هئي، گهڻي تڪليف ڏسڻ کان پوءِ ئي مون کي عقل آيو هاڻي تہ صبح جو سوير روزانو اٿي فجر پڙهي الله پاڪ کان معافي گهرندو آهيان ۽ فيصلو ڪيو اٿم تہ ڪڏهن وڻ ڪونہ ڪٽيندس ۽ وڏيڪ ٻوٽا ۽ وڻ لڳائيندس.

پيرمرد مون کي پنهنجي حياتيءَ جو سبق آموز واقعو ٻڌائيندي روئي پيو ۽ چوڻ لڳو "پٽ عمير! اڄ کان تون بہ هڪ ٻوٽو ضرور لڳائي ۽ هميشہ انهيءَ جو خيال رکجانءِ تہ جيئن توکي دُعائون ملن". عمير ساڻس واعدو ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن نندو ٻوٽو لڳايو جنهن تي هڪ نندو بورڊ بہ هنيائين تہ "وڻ پوکيو ۽ ثواب ڪمايو".

شھزادو راھب

آڳاٽي وقت جي ڳالھ ڪندا آھن تہ ھڪ ملڪ جو بادشاھ عادل نالي سان ھو جنھن کي اولاد نہ ھو۽ ھو ڪيترن نجومين ۽ طبيبن سان واسطي ۾ آيو۽ ڪيترا پير فقير پڇايائين، درگاھون پيٽياٽين پر سندس مَنَ جي مراد پوري ٿيڻ ۾ نہ آئي ھڪ ڏينھن اوچتو باغ ۾ پسار ڪندي کيس خيال آيو تہ متان کيس ڪنھن جي بددعا تہ نہ آھي؟ اھو سوچي ھو وڏيڪ پريشان ٿي ويو. کيس سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ جيڪڏھن بددعا آھي تہ ڪنھن جي آھي؟ ۽ ھن ھيڏي وڏي بادشاھت ھلائڻ ۾ ڪھڙي غلطي ڪئي آھي جو کيس رب پاڪ وٽان ايڏي وڏي آزمائش پلئہ پئي آھي. محلات ۾ اندر اچي راڻيءَ سان حال اورياٽين جا سندس تمام پياري راڻي ھئي ۽ ھو کيس گھڻو پيائيندو ھو ۽ انھيءَ ڪري اولاد ڪاڻ ٻي شادي بہ نٿي ڪرڻ چاھيائين.راڻي سلطانہ سندس ڳالھ ھيڻئين سان ھنداٽي ۽ چيائين تہ، ”بادشاھ سلامت! جيڪڏھن توھان جي دل ۾ اھڙو خيال آيو بہ آھي تہ انھيءَ جو ھڪڙو ئي حل آھي. اسان ملڪ ۾ اعلان ڪري ڇڏيون ٿا تہ جنھن کي بہ ڪو مالي، جسماني يا ٻيو ڪو بہ مسئلو ھجي ۽ مدد گھرجي تہ ان کي شاھي خزاني مان مدد ڪئي ويندي. انھيءَ سان ڪيترن جو ڀلو ڪرڻ سان توھان جي دل کي خوشي پڻ حاصل ٿيندي ۽ ڪيترن ئي دل ڏکويلن جي دعا بہ لڳندي ۽ جيتريون دُعائون وڌيڪ ملنديون تہ پوءِ بلڪل جي ڪا بددُعا آھي تہ اھا اثر وڃائي ويھندي، پاڻ کي الله تعالیٰ ، خوشيون ڏيندو“.

بادشاھ راڻي سلطانہ جي ڳالھ سان متفق ٿي ٻئي ڏينھن اھو پڙھو گھمايو ۽ پنھنجي ٻن وزيرن ۽ قاضيءَ کي انھيءَ ڪم تي لڳايو تہ ماڻھن کي خيرات

ڏين ۽ بنا ڪنهن فرق جي مدد ڪن ۽ خزاني جا دَرَ کولي ڇڏين. هفتي کان پوءِ هڪ ٻئي ملڪ جو مسافر هن ملڪ ۾ داخل ٿيو جو هڪ پهتل شخص هو. جڏهن ڪيس حقيقت جي خبر پيئي تڏهن بادشاه عادل سان ملاقات جو خيال ڪيائين ۽ وزيرن کي جيڪي سيني جي مدد تي مقرر هئا. عرض ڪيائين ته، ”آئون توهان جي خيرات پوءِ کڻندس پهرين بادشاه سلامت سان ملاقات ڪندس“. اهڙيءَ ريت اهو مسافر بادشاه عادل سان ملڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جڏهن دربار ۾ سڀ موجود هئا تڏهن هُن عرض ڪيو ته آئون بادشاه سان اڪيلي ۾ ملڻ چاهيان ٿو ۽ سندس مسئلي ۾ مدد ڪندس. بادشاه سلامت حڪم ڪيو ته، سڀ دربار خالي ڪري وڃن اهڙيءَ ريت هُو بادشاه جي تخت جي ويجهو اچي زمين تي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته، ”بادشاه سلامت! مون کي خبر آهي ته توهين اولاد لاءِ پريشان آهيو پر آئون توهان کي هڪ حَل ٻڌايان ٿو. اميد ته الله پاڪ ڪاميابي ڏيندو. بادشاه سندس ڳاله توجه سان ٻڌي رهيو هو. چيائين، ”توکي موڪل آهي تون بيان ڪر!“ فقير چوڻ لڳو ته، ”بادشاه سلامت! دنيا جي وڏن وڏن ولين ۽ نبين اولاد ڪاڻ ڏٺيءَ کان دُعائون گهريون آهن. آئون توهان کي هِڪ تسبيح ڏيان ٿو ۽ هڪ ورد انهيءَ تي پڙهڻ لاءِ پر شرط آهي ته توهان چاليه ڏينهن پڙهو ۽ وچ ۾ ناغو نه ڪريو. ٻي ڳاله شڪراني جا ٽي روزا مجيو جيڪي پهرين رکڻا آهن، انهيءَ دوران توهان ورد ڪندا رهو. خير خيرات ڪندا رهو ڏٺي سڳورو ضرور مهربان ٿيندو“. بادشاه جون اکيون پرجي آيون تخت تان لهي هيٺ اچي ويٺو. فقير ڪيس چيو ته، ”بادشاه سلامت! توهان کي انشاءالله هڪ نه پر ٽي پٽ ملندا ۽ جيڪي توهان جو نالو روشن ڪندا. عادل بادشاه ڏک ۽ خوشيءَ وچان روئڻ لڳو“. تحقيق ايئن ئي ٿيو اهو

فقير ٿورن ڏينھن ۾ موڪلائي ويو پر بادشاھ عادل ڪي الله پاڪ عبادت، خيرات ۽ غريبن جي دُعائن جي صدقي شھزادي گل منير سان نوازيو. چند سالن ۾ سندس ٻيا ٻائر شھزادو سمير ۽ شھزادو راھب پڻ پيدا ٿيا. بادشاھ پنھنجي ٽنھي شھزادن کي ڏسي خوشيءَ ۾ بار بار رب جا شڪر ادا ڪندو ھو.

سندس وڏو وزير بدنيت ۽ شيطان گير ھو. ننڍي پٽ شھزادي راھب جي پيدا ٿيڻ جي ستن سالن کان پوءِ بادشاھ عادل جو انتقال ٿي ويو. وڏي وزير جي نيت ڦري ويئي ھن راڻيءَ سلطانہ کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ شھزادن کي مارڻ جو منصوبو سٽيو پر چوندا آھن تہ، ”ھڪڙي بندي جي مَنَ ۾ تہ ٻي ڪري الله“، سو وڏي وزير جي سازش ناڪام ٿي وئي، ڪي اڃان بہ رحم دل ماڻھو عادل بادشاھ جا وفادار موجود ھئا جن کي سڄي ڳالھ جي جيئن ئي خبر پئي، ھنن پاڻ ۾ صلاح ڪري شھزادن کي ملڪ مان روانو ڪري ڇڏيو ۽ وڏي شھزادي کي ڳالھ سمجھائي کين پري موڪلي ڇڏيو. ھاڻي شھزادن پنھنجا قيمتي ڪپڙا ۽ ھيرا جواھر تہ گڏ ڪونہ آندا تہ متان ڪي ڦورو کين ڦرڻ لاءِ ماري وجن سو تمام سادن ڪپڙن ۽ ٿوري پئسي ۽ ڪاڏي سان سفر ڪرڻ لڳا. رستي ۾ ٿڪجي ھڪ ھنڌ وڻ ھيٺ وھنا کين ننڊ اچي ويئي، جيئن ئي سجاڳ ٿيا تہ شھزادي گل منير چيو تہ ”مون ھڪ خواب ڏٺو آھي“، ٻئي شھزادي سمير چيو تہ ”مون بہ خواب ڏٺو آھي“. شھزادي گل منير ڪانئس پڇيو تہ ”ڪھڙو خواب ڏٺو آھي“؟ شھزادي سمير وراڻيو تہ ”مون خواب ڏٺو آھي تہ مون کي مڇي ۽ ماني ملي ٿي جا ڪائي آئون پورو ڍؤ ٿو ڪريان“، شھزادي گل منير چيو تہ ”مون بہ خواب ڏٺو آھي تہ مون کي ڪير کير جو پيالو ۽ اڦراٽو پيو ڏي جو ڪائي آئون خوش ٿيان ٿو“. ٻنھي شھزادن، شھزادي

راهب ڏي نهاريو. تہ توهان کو خواب ڏٺو آهي؟ راهب چيو تہ، ”آئون ٻڌائيندس تہ توهين يقين ڪونہ ڪندا. ان ڪري ڇڏي ڏيو“. پر انهن جي اصرار ڪان پوءِ چيائين تہ، ”مون خواب ڏٺو آهي تہ، آئون شهزادو ٿيو آهيان ۽ صبا نالي سان منهنجي هڪ راڻي آهي“. انهيءَ تي سندس ٻيئي ڀائر واقعي مٿانس چٿرون ڪرڻ لڳا. وڏي شهزادي چيس، ”جيڪڏهن تون ايترو خوش نصيب هجين ها تہ اسين پنهنجي پيءُ جي بادشاهت ڪان محروم ڪيئن ٿيون ها“. راهب شهزادو سندن ڳالهين جي ڪري ڏک وچان روئڻ لڳو ۽ اتي وڻ هيٺ ئي ويهي رهيو. ڀائرن چيس تہ، ”هاڻي چپ ڪر اڳيان هلون“. پر هن جواب ڏنو چيائين، ”آئون توهان سان گڏ ڪونہ هلندس مونکي ڇڏي ڏيو آئون هتي ئي رهندس. سندس ڀائر چئي چئي جڏهن ٿڪا تڏهن اڳيان وڌڻ جو فيصلو ڪيائون. اهڙيءَ ريت راهب اُتي ئي وينو رهيو جيڪا ماني ٿوري بچيل هئي ڪائي ڇڏيائين ڪيس ٿوري دير ۾ ننڊ اچي ويئي. اتفاق سان انهيءَ وڻ مٿي هڪ ديو اچي وينو. انسان جي ٻچي ڪي هيٺ ننڊ ۾ سُتل ڏسي سندس وات ۾ پاڻي اچي ويو ۽ دل ۾ سوچڻ لڳو تہ اڄ شڪار سنو آهي ڇو نہ هن ٻار ڪي آئون ڪائي ڇڏيان. اهو ديو آدم خور هو. پر خدا جي قدرت جيئن ئي هو شهزادي ڪي ڪائڻ لاءِ ويجهو ٿيو سندس پياري شڪل ڏسي ڪيس دل ۾ رحم اچي ويو ۽ شهزادي راهب ڪي ڪائڻ جو ارادو ترڪ ڪري واپس مٿي وڻ تي چڙهي وينو. ڪافي دير ڪان پوءِ اُتان وڃڻ جو ارادو ڪيائين تہ ڪيس شهزادي جو فڪر ٿيو ۽ سمجهيائين تہ هن ٻار ڪي جيڪڏهن هتي وڻ هيٺ ڇڏي آئون اڳيان وڌندس تہ هِن ڪي جانور تہ ڪائي ويندا ان ڪان بهتر آهي ڪيس ڪنهن محفوظ هنڌ تي پهچايان اهو سوچي ننڊڙي راهب ڪي هٿ ۾ کڻي بلڪل هڪ شهر جي ويجهو وڏي رستي تي وڻ جي هيٺ رکي ڇڏيائين

۽ احتياط ڪيائين تہ سندس ننڊ خراب نہ ٿيئي. شهزادي راهب جي جيئن ئي اک کلي هو حيران ٿي ويو. سوچڻ لڳو تہ آئون تہ ويران جهنگ ۾ هئس هي ڪٿي پهچي ويو آهيان. اٿي سنئون ٿيو ڪلمو پڙهي خدا جو شڪر ادا ڪيائين ۽ اڳيان شهر ڏي وڌڻ لڳو. دل ۾ سوين پور پچائيندي هڪ فيصلو ڪيائين تہ هن شهر ۾ تہ منهنجو ڪير بہ ڪونهي. ڪير بہ مون ڏي هٿ سَجَ ڪو نہ ڪندو. ماني ٽڪي ڪٿان ڪائيندس؟ بهتر آهي مسجد ۾ وڃي ويهان. ايئن سوچي هڪ مسجد ۾ داخل ٿيو جتي ڪيس مسافر سمجهي نمازين ماني کارائي جڏهن سڀ هليا ويا تڏهن مولوي صاحب حال احوال ورتس ۽ ڪيس اهو ڄاڻي حيرت ٿي تہ هُو شهزادو آهي. راهب شهزادي کي چيائين، "پٽ! مون کي اولاد ڪونهي هلي مون وٽ رهہ آئون توکي تعليم پڻ ڏيندس مون وٽ ٻيا ٻار بہ پڙهڻ اچن ٿا. توکي سک ٿي پوندو" شهزادي راهب هائوڪار ڪئي ۽ مولوي صاحب جي گهر ۾ جيڪو مسجد سان گڏ ئي هو هُو رهڻ لڳو. شام جو مسجد ۾ ٻيا ٻار پڙهڻ آيا تہ راهب پڻ ساڻن قرآن پاڪ ۽ ٻيا ديني ڪتاب پڙهڻ لڳو مولوي امام دين وٽ وڏن معزز گهراڻن جا ٻار ۽ ملڪ جي بادشاهہ جي نياڻي شهزادي صبا ۽ وزيرزادي بانو پڻ پڙهڻ ايندڙيون هيون. ايئن شهزادي صبا آهستي آهستي راهب جي طور طريقي ۽ علم ۾ هوشياريءَ کان متاثر ٿي ۽ ڪيس هو گهڻو پسند آيو. ڪجه وقت ڪانپوءِ اها بہ خبر پيس تہ هي ڇوڪرو شهزادو آهي ۽ سندس پيائر ۽ پاڻ جان بچائي پنهنجي ملڪ مان نڪتا آهن. وقت گذرندو رهيو. شهزادو راهب مولوي صاحب وٽ رهي سڀ علم سکي ويو. شهزادي صبا بہ اچي جوان ٿي هُن پنهنجي والد بادشاهہ نوشيروان کي پنهنجي خواهش والده معرفت پهچائي. بادشاهہ نوشيروان هڪ سلجهيل ذهن جو مالڪ شخص هو ڪيس ڪو بہ پٽ

جو اولاد ڪو نہ هو فقط هڪڙي ئي ڌيءَ شهزادي صبا هئس جنهن کي گهڻو پيار ڪندو هو. سندس خواهش کي ٽاري نہ سگهيو ۽ شهزادي راهب کي دعوت ڏيئي گهرايائين ۽ شهزادي هئڻ جي پَڪَ بہ ڪيائين آخر شاديءَ لاءِ هائوڪار ڪري شهزادي راهب کي پنهنجي محلات ۾ پاڻ سان گڏ رهايائين نوشيروان بادشاهہ ڪجھ سالن کان پوءِ فوت ٿي ويو ۽ شهزادو راهب تخت تي ويٺو ۽ سندس ننڍپڻ جو خواب اڄ سچو ثابت ٿيو بادشاهي ملڻ کان پوءِ ڪيس پنهنجي وطن. پائرن ۽ والده جي خبر گيري ڪرڻ جو خيال دل ۾ آيو ۽ پنهنجي ملڪ جي سچي پچا ڳاڇا کان پوءِ ان تي حملو ڪري پنهنجي وطن کي ظالم وزير کان آجو ڪرايائين ۽ والده راڻي سلطانہ جا وزير جي قيد ۾ هئي تنهن کي آزاد ڪرائڻ کان پوءِ پنهنجي پائرن جي ڳولها شروع ڪيائين ترت ئي انهن جو پتو بہ پئجي ويو ڪين پنهنجي ماءُ سان ملائي وڏي شهزادي گل منير کي تخت ڏئي ڪيائين. اهڙيءَ ريت راڻي سلطانہ پنهنجي ننهي شهزادن کي ڏسي خوش ٿيندي هئي ۽ راهب شهزادي جي شڪر گذاريءَ جي ڪري ڪيس الله پاڪ راڻي صبا عطا ڪئي تہ بادشاهہ پڻ بنايو.

بوٽ پالش

مدثر جڏهن ڏهن سالن جو هو تڏهن سندس امڙ وفات ڪري ويئي. هن جي پيءُ ڪيس ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جو پيار ڏيئي وڏو ڪيو پر ڪجھ سالن کان پوءِ سندس والد پڻ بيمار رهڻ کان پوءِ فوت ٿي ويو سڄي گهر جو بوجھ اڪيلي مدثر تي اچي پيو. سندن پاڙي ۾ هڪ ننڍو موچيءَ جو دڪان هو هن سوچيو ڇو نہ شام جو انهيءَ دوڪان تي ڪم ڪريان جيڪي پئسا ملن انهن مان گهر جي دال روٽي پيئي هلندي. هن کي ٻہ ننڍيون ڀيڻون ۽ هڪ ڀاءُ هو. گهر تہ سندن پنهنجو هو پر گهر هلائڻ لاءِ تہ وڏن جي ضرورت پوندي آهي ۽ مدثر ننڍو هوندي ئي سڀ ذمہ داريون ڪنيون ان ڪري مئٽرڪ ۾ پڙهندي بہ اسڪول کي ڇڏي ڏنائين اڳيان هلي پوءِ تعليم مڪمل ڪيائين پر فاالوقت سندس جي لاءِ جيڪو وڏو مسئلو هو سو گهر جي خرچ جو هو. موچي هڪ نمازي شخص هو. هن ڪيس ڪم دل سان سيکاريو گڏ پئسا پڻ صحيح ڏيندو هئس جو ڪيس سندس گهر جي حالتن جي خبر هئي. اهڙيءَ ريت مدثر جي محنت سبب موچيءَ جي دڪان جي بہ ترقي ٿيڻ لڳي. مدثر بوٽ پالش ۾ گهڻو هوشيار هو. سندس چمڪايل بوٽ پري کان چم چم ڪندا هئا. چند سالن ۾ موچيءَ جي وفات ٿي ويئي ان کان اڳ هُن پنهنجي دوڪان جون واڳون مدثر جي حوالي ڪيون جو هن جو هتي ڪير بہ ڪونہ هو ۽ مدثر ڪيس پنهنجي گڏ ٿيل پئسن مان ڪجھہ ڏنا اهڙيءَ ريت مدثر دوڪان جو مالڪ ٿي ويو هڪ ڏينهن وٽس هڪ آفيسر آيو جو پر ڏيهہ وڃي رهيو هو. سندس بوٽ هن سهڻا پالش ڪري ڏنا انهيءَ صاحب وٽ کليا پئسا نہ هئا، مدثر کي چيائين مون وٽ کليا پئسا ڪونهي ڪريڊٽ ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ آهن هڪ ڏهن روپين جو پراڻو بانڊ سندس بريف ڪيس ۾ پيو هو

اُهو ڪڍي مدثر کي ڏنائين مدثر ڪلي وراڻيو تہ صاحب آئون ڪٿي پيو ٻانڊ جو نمبر ڳولهيندس. خير آهي توهان ٻئي دفعي پئسا ڏجو“. انهيءَ آفيسر کيس چيو تہ ”آئون ٽن سالن لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان مون کي ٻاهر وڏو ڪم مليو آهي تنهنجو اجورو رکڻ نٿو چاهيان اتفاق سان پئسا ڪليا ڪونهي تون هيءُ ٻانڊ ضرور رک“ بهرحال مدثر اهو ٻانڊ وٺانس ڪٽي رکيو ٻن مهينن کان پوءِ هڪ اخبار وارو جو سندس پر ۾ دوڪانن تي اخبار ڏيندو هو اهو هن جي دوڪان تي اچي ويٺو مدثر ان سان سڄي ڳالھ ڪئي اخبار واري چيس، ”ٻانڊ جو نمبر مون کي لکي ڏئي مون وٽ قرعہ اندازي جا پنا ايندا آهن آئون توکي ٻڌائيندس“. شام جو ئي اخبار واري کيس خوشخبري ڏني تہ سندس پنجن لکن جو ٻانڊ کليو آهي. مدثر حيران ٿي ويو پوءِ انهي نيڪ صفت اخبار واري معرفت اهي پئسا نيشنل بئنڪ مان وڃي حاصل ڪري ٻيءَ بئنڪ ۾ رکيائين. انهيءَ ڪانپوءِ تہ سندس قسمت ۾ وڏو ڦيرو آيو. ٻيو دوڪان بہ ورتائين هُو خوشحال ٿي ويو وڏيڪ ترقي ڪندي ٻائرن کي بہ پنهنجي ڏنڌي ۾ لڳائي اڳيان تعليم پڻ حاصل ڪيائين. مدثر جو نالو شهر ۾ باحيثيت ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو. اڄ بہ جڏهن کيس پراڻي وقت جي يادگيري ايندي آهي تڏهن پنهنجي ڪمري ۾ پيل بوٽ پالش جو ننڍو باڪسو کولي پنهنجيءَ ماضيءَ جي حالتن کي ياد ڪندي خدا پاڪ جا شڪرانا ادا ڪندو آهي جنهن سڄي حياتي نيڪ صفت ماڻهن جي معرفت سندس مدد ڪئي جو هُو پاڻ نيڪ نيت ۽ دل جو صاف ۽ محنتي هو. چوندا آهن ”جهڙي نيت تهڙي مراد“ سو مدثر جي منزل آسان ٿي سندس لاءِ هرپاسي سڻايون ٿي ويون.

ليکڪا جو تعارف

نالو: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ڄم: 20-11-1958ع

تعليم: ايم. اي(انگريزي ادب)، ايم. اي (سنڌي ادب)، پي. ايڇ ڊي (سنڌي).

ڪرت: ايسوسيئيٽ پروفيسر (ريٽائرڊ)، تعليم کاتو سنڌ حڪومت.

ادبي سڃاڻپ: نثر نويس.

لکڻ جي شروعات: 1980ع کان.

لکڻ جا شعبا/موضوع: ادبي تاريخ، ڪالم، تحقيق، تنقيد، لطيف شناسي، ٻاراڻو ادب، افسانا

ڇپيل ڪتاب: 1. سنڌي ادب جو جائزو. 2. سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس، 3. وکر سو وهاءِ، 4. اخلاقي قدر. 5. اٺي رائو ريل، 6. آديسين ادب آهي اکڙين ۾، 7. سون ورنيون سوڍيون، 8. عالم سڀ آباد ڪرين، 9. پلئه پايو سچ، 10. سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو 11. گلدستو 12. سنڌي ادب (ايم سي ڪيوز)، 13. سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو 14. ٽي تحفا(ٻالڪ ڪهاڻيون)،15 شرارتي جن، 16. ”سونيون اشرفيون“ (ڪهاڻيون)، 17. ماڻڪ موتي لالَ(ڊجيٽل ايڊيشن)

اڻ ڇپيل ڪتاب: 1. سنڌي نثر جديد مطالعو (آخوند عزيز الله کان عثمان علي انصاريءَ تائين)، 2. سدا وسين تون (تقريرون ۽ تحريرون)، 3.پوپٽ ۽ گلاب، 4. شهزادي ماهه نور، 5. سهڻا سخن،6. محبت پائي مَنَ ۾ (مهاڳ ۽ مقدما)، 7. ڀورائيءَ ۾ ڀال ٿيا(مضمون ۽ تبصرا)، 8. جديد سنڌي ادب جو

بنياد وجهندڙ تاريخ ساز شخصيت: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، 09. مري ٽين نہ مات(ٻالڪ ادب)، 10. ارباب جي هوشياري(ٻالڪ ادب)، 11. سماج سڌارڪ اديب محمد عثمان ڏيپلائيءَ،12. معلومات جو خزانو 13. ”مقالا“ (هيڪ جي جرنلز ڇپيل چوڏهن تحقيقي مقالا)، 14. پاڪستاني ادب ڪي معمار ڊاڪٽر فهميده حسين شخصيت اور فن، 15. سڪن جو سنسار (ڪهاڻيون/افسانا)، 16. صحت ۽ زندگي، 17. شهر بانو (ترجمو ڪيل افسانا)، 18. جي پارڪو پارس جا (لطيف شناسي)، 19. هلڻ منهنجو هوت ڏي(سفر نامو)، 20. سنڌي نثر جي تاريخ، 21. تو ۾ ديرو دوست جو(لطيف شناسي)، 22. مفتي منجهہ ويهار(آتم ڪهاڻي)، 23. جنرل هسٽري (پي سي ايس جي سنڌيءَ جي مطابق)، 24. جديد سنڌي ڪهاڻي (تحقيقي اپياس)،

سچي ٿر ۽ خاص طور تي ڏيپلي جي ڌرتي، علم ۽ ادب جي حوالي سان بي حد زرخيز رهي آهي. جنهن محمد عثمان ڏيپلائيءَ کان وٺي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ تائين ڪيترائي اهم ادبي نالا پيدا ڪيا. جيڪي سوڪهڙي ۾ بہ، سنڌي ادب کي سدا سائو رکندا آيا آهن.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ادب ۾ بنيادي طور تي تحقيق جي شعبي سان لاڳاپيل رهي آهي. پر گڏوگڏ هن ادب جي ٻين شعبن سان بہ لکڻ جو ناتو ڳنڍيل رکيو آهي. هيل تائين سندس سورهن ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چُڪا آهن. ٻارن لاءِ سندس ڪهاڻين جو هي ڪتاب، ادب ۾ هڪ وِکَ اڳتي ليکبي.

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ ادب جي کوٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. ان صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪو ليکڪ/شاعرُ پنهنجي ذميواري قبولي، ڪنهن ڪتاب لکڻَ ۽ ڇپائڻَ جو ساهسُ ڌاري ٿو تہ اسان سڀني

کي ڪيس ضرور ساراهڻ گهرجي، معيار ۽ مقدار جو ڪاٿو هونئن به هُوندَ ۾ ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتابُ لکي ٻارن سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو آهي. جنهن کي پيار سان ئي قبول ڪري سگهجي ٿو.

ايازگُل

29 مئي 2021ع

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سڄي ٿر ۽ خاص طور تي ڏيپلي جي ڌرتي، علم ۽ ادب جي حوالي سان بي حد زرخيز رهي آهي. جنهن محمد عثمان ڏيپلائيءَ ڪا ونئي. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ تائين ڪيترائي اهم ادبي نالا پيدا ڪيا، جيڪي سوکهڙي م به، سنڌي ادب کي سدا ساٿو رکندا آيا آهن.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ادب ۾ بنيادي طور تي تحقيق جي شعبي سان لاڳاپيل رهي آهي، پر گڏوگڏ هن ادب جي ٻين شعبن سان به لکڻ جو ناتو ڳنڍيل رکيو آهي. هيل تائين سندس سورهن ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. ٻارن لاءِ سندس ڪهاڻين جو هي ڪتاب، ادب ۾ هڪ وک اڳتي ليکبي.

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ ادب جي کوٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. ان صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪو ليکڪ ، شاعر پنهنجي ذميواري قبولي، ڪنهن ڪتاب لکڻ ۽ ڇپائڻ جو ساهس ڌاري ٿو، ته اسان سڀني کي ڪيس ضرور ساراهڻ گهرجي. معيار ۽ مقدار جو ڪاٿو هوندي به هوند ۾ ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب لکي ٻارن سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو آهي. جنهن کي پيار سان ئي قبول ڪري سگهجي ٿو.

اياز گُل

29 مئي 2021ع

ISBN: 978-969-9962-82-0